


ڪمپوزنگ:

عبداللطيف انصاري

# وائيس آف سنڌ اِي بُڪ پبلشر

**www.voiceofsindh.net**

editor@voiceofsindh.net

# گذارش

محترم دوستو .....!

اداري، وائيس آف سنڌ جي هميشه ڪان اها ڪوشش رهي آهي ته اوهان بهترين پڙهندڙ دوستن کي عظيم سنڌي ادب وڏ ڪان وڏ پڙهائجي جيئن اسان جي ان مان بهترين راهه ڳولي پنهنجي ڏُکي ديس جي اَبوجهه ماڻهن کي جيئڻ جو حقُ ڏياري سگهُون.

دوستو، سکر، ادب جي لحاظ کان هڪ زرخيز شهر رهيو آهي، هي نندي ڪنڌَ جي عظيم شاعر شيخ اياز جو شهر آهي. هن ئي شهر جو هڪ بهترين شاعر ادل سومرو به آهي، جيڪو نه صرف شاعر بهترين آهي پر انسان پُڻُ. اها هڪ آزمودي ڳالهه آهي ته جيڪو به ادل سومري سان هڪ دفعو ملندو، سو وري وري ساڻس ملڻ جي تمنا ڪندو. هينئر سندس شروعاتي شاعريءَ جو بهترين ڪتاب نالي "سمنڊ جاڳي ٿو" اوهان جي آڏو انٽرنيٽ تي آڻيندي سڄُ پچُ ته تمام گهڻي خوشي محسوس ٿي رهي آهي. اُميد آهي ته اوهان پڙهي پنهنجي راءِ ضرور ڏيندا ۽ وقت به وقت پنهنجن قيمتي مشورن سان نوازيندا رهندا ته جيئن اسان هن سلسلي کي اڳا به بهترين انداز ۾ اوهان دوستن آڏو پيش ڪري سگهون.

مهرباني



اوهان جي مشوري جو منتظر
**عبداللطيف انصاري**
شمس آباد سکر سنڌ
فون : 0333.7146119
اي ميل : abdullateefansari@yahoo.com

# لهرون لهرون شاعري

## مهاڳ

ادل سومرو نئين ٿهيءَ جو اهو شاعر آهي، جنهن فارسي ۽ اردو وزن ڪي لَتَ هڻي، شعري روايتن جا سمُورا زنجير ٽوڙي ڇڏيا آهن ۽ پنهنجو ترنم، پنهنجي اندر جي آواز مان اُپاريو آهي. مون ته ديوان گُل، ديوان قاسم، ارمغان حامد، ديوان فاضل، ڪُليات گدا، ديوان بُلبل، ڪُليات سانگي، ديوان واصف، ڪُليات عزيز وغيره نندي هوندي پڙهي، انهن جي ٻوليءَ ۽ روايت پرستيءَ کان بغاوت ڪئي هئي. جڏهن اردوءَ ۾ فيض ۽ اين ـ ايم راشد جا ڪتاب ”نقش فريادي“ ۽ ”ماورا“ ڇپيا هئا ته اهي پنهنجي تازگي کڻي آيا هئا ۽ منهنجي، ڪوي ٽئگور سان به وابستگي گهٽجي وئي هئي. اهو ڏسي مونکي عجب آيو ته هي ڌرتيءَ جو حصو جتي رنگا رنگ پکي پنهنجون ٻوليون ٻولين ٿا، جن ۾ ڪي پکي ڏيهي آهن ۽ ڪي سائبيريا تائين دُور تان اچن ٿا، اُنهن جو شاعريءَ ۾ ڪو ذڪر نه آهي. اردو غزل ۾ رُڳو ڇهن ستن پکين جا نالا ورتا ويا آهن. مثال طور بُلبل، قمر، زاغ و زغن، ڪُلاغ، شاهين، ڪرگس، ڪويل، پپيهو ۽ شايد هڪ ٻه نالا ٻيا هُجن. اُنهن مان بُلبل ته ايران ۾ ٿيندي آهي ۽ ڪويل ۽ پپيهي کان سواءِ باقي سڀ نالا به ايراني آهن. علامه اقبال، بلبل ودراجوسار لفظ ڪتب آندا آهن ۽ تتر ڪي دراج ڪوٺيو آهي. ڪويل ۽ پپيهي جا لفظ نه غالب ڪتب آندا آهن نه اقبال. ورهاڱي کان اڳ ملڪ جي جاگرافيءَ ڏانهن ڪنهن شاعر ڪونه ڏٺو آهي ۽ شام اوڌ ۽ صبح بنارس روايتي طور ڪم آندا اٿائون. دليءَ جي شهر آشوب کان پوءِ مير تقي مير لکيو هو.

دلي کے ایک شهر تا عالم ۾ انتخاب
هم رهني والي هين اُسي اُجڙي ديار کي.

هندي فارسي شاعريءَ، خسرو ۽ غالب کان سواءِ پنهنجي ڌرتيءَ جو ذڪر خير ڪو ڪيو آهي. علي حزين جو هڪ شعر آهي:

از بنارس نه روم مصبد عام ست اين جا
هر برهمن پسري لڇمن ورام ست اين جا

(مان بنارس ان ڪري نه ٿو ڇڏيان جو هتي عام عبادتگاهه آهي ۽ هر برهمڻ، ڄڻُ لڇمڻ ۽ رام جو پُٽ آهي.)

گنگا جمنا، برهمپترا ۽ سنڌوءَ وغيره جي ديس ۾ دجلہ ۽ فرات جون ڳالهيون ٿينديون هيون. علامہ اقبال بانگ درا ۾ هماليہ تي نظم لکي جو پاسو ڦيرايو تہ ايران جي ڪوهہ وماند تي وڃي نڪتو. بنگال ۾ مون، فقط چمپا جا سترهن قسم ڏٺا هام پر برصغير ۾ نرگس ۽ گل لالہ سان تشبيهون ڏنيون وينديون هيون، جي گُل فقط ايران ۾ ٿيندا هئا. جتي سنڌ ۽ راجستان جهڙا صحرا هام اُتي عرب جي صحراءِ نجد جو ذڪر ڪيو ويندو هو. ديومالائن جي ديس ۾ ليلىٰ مجنون، شيرين فرهاد، وامق عذرا، رستم سهراب وغيره جا اجنبي قصا دُهرايا ويندا ها. رُڳو هڪ شعر اردوءَ ۾ پنجاب جي لوڪ ڪهاڻيءَ جي باري ۾ لکيو ويو هو تہ اُهو بار بار دُهرائيندا ها. ڄڻ تہ پنجاب تي ڪو احسان ڪيو هيائون.

**سنايا رات کو قصا جو هير رانجهي کا**
**تو اهل دل کو پنجابيون ني لوٽ ليا**

اهو سڀ انهيءَ جي باوجود تہ پنجاب جي شهرن پنجابي ڇڏي اردو اپنائي هئي. اردوءَ جي شاعري ۾ محبوب کي اختر شيرانيءَ تائين مذڪر لکيو ويو. اختر شيراني جون عذرائون ۽ ليلائون بہ رت پوٽيون هونديون ۽ اهي هر نسواني جذبات کان عاري لڳنديون.

اروشي ۽ شڪنتلا جي ديس ۾ عورت کي محبوبہ چوڻ معيوب سمجهيو ويو. اُمرد پرستي عام هئي ۽ محبوب جو سراپا ڄڻ پورو مغليہ خانو هو. تير نظر، خنجر ابرو وغيره سان محبوب کي ائين شڪار ڪندا ها، جيئن مغليہ شهزادا شڪار ڪندا ها. غالب جو شعر آهي.

**تم مجهي بهول گئي هو تو پتا بتلادون**
**تيري فتراک مين کوئي کبهي نخچير بهي تها.**

(تون مون کي وساري ڇڏيو آهي تہ توهي پتو ٻڌايان ٿو. ڇا تنهنجي خرزين ۾ ڪڏهن ڪوئي شڪار بہ هيو؟)

ساري تهذيب جي عڪاسي ڏاري هئي ۽ ايران ، سمرقند، بخارا، افغانستان وغيره تان ورتي وئي هئي. محبوبن جا ڏند مُسيءَ سان ڪارا هوندا ها ۽ چَپ پان سان ڳاڙها، ڄڻُ هنن ڏائڻ وانگر عاشقن جو خون پيتو هو. انهيءَ شاعريءَ جوتتبع اسان جي غزل گو شاعرن (گُل کان سواءِ) ۾ ملي ٿو. سيئي ادبي سلهہ جا مريض هام جن هڪ سئو سال شاعرن کي انهيءَ وبا ۾ وچڙائي رکيو ۽ اجا تائين اُنهن مان ڪي رتُ اوڳاڇيندا ٿا وتن. انهيءَ وچ ۾ ڏرتيءَ جا عظيم شاعر، ڀٽائي، سچل ۽ سامي ڄڻُ وسري ويا ها. اڳين غزل گو شاعرن ۾ ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ مصرع سنڌي هوندو هو، جيئن ڪنهن ڪنڌيءَ جي منهن ۾ هڪ اڌ ڏند رهجي ويندو آهي، نہ تہ اڪثر شاعر ٻُڏا ها ۽ هنن اردُوءَ جا پان خور ڏند وجهرايا ها. اهڙِي شاعريءَ خلاف بيوس

پهرين بغاوت ڪئي. آخر ان جي ساري عمارت اچي ڦهڪو ڪيو. اردو شاعري ۾ موضوع جي حد تائين بدلجي وئي. ميراجي، فيض، راشد وغيره ان ۾ ڪافي انقلاب آندو. ٻوليءَ جي لحاظ کان ان جي فارسي آميزيءَ ۾ فرق نہ آيو ۽ ساري جا ساري مصرع فارسي هوندا ها. آرزو لکنوي، عظمت الله، سيد مطلبي فريد آبادي، ميراجي، فراق گورکپوريءَ جن ٻوليءَ ۾ ڏيهي لفظ آندا. اُنهن ۾ ايترو جينيس ڪونہ هو، جو زبان جو مزاج بدلائي سگهن. علامہ اقبال جي ٻولي بہ غالب واري آهي. ان ڪري اردو شاعري ۾ اڄ تائين جمود آهي. سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ ۾ ڀرپور انقلاب آيو آهي ۽ ان ۾ اڌ صديءَ کان وڌيڪ وقت لڳي ويو آهي. اڄ سنڌ، هڪ ماکين جي ماناري وانگر آهي. جتي ڪيئي شاعر گُنگنائي رهيا آهن. مون کي ٻارنهن تيرنهن ورهين جي عمر ۾ فارسي بحر وزن تي مڪمل دسترس هو. پوءِ مون ان ۾ ڪيئي تجربا ڪيا، جي بنهہ سنڌي آهن. مون سنڌ جا ڪلاسيڪي اسلوب بيت ۽ وائي بہ وري جيئاريا آهن ۽ ٻي هر صنف سُخن تي (سواءِ ترائيل جي) لکيو آهي. اڄڪلهہ جديد شاعر پنهنجو پاڻ تي ڪوبہ زنجيرُ رکڻُ نہ ٿا چاهين. انهن جون اکيون کُليل ۽ پير آزاد آهن. ادل سومرو انهن مان برکُ شاعر آهي. هن بہ ڪيترن صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي، پر غزل، بيت، وايون، ٽيڙو ۽ نظم، آزاد نظم هن سُٺا لکيا آهن. جن مان ڪجهہ شعر هي آهن.

●

جيڪا هاريءَ جي هٿن مان ٿي ڦٽي
روشني سائي ٻنين ۾ ٿي رهي.

ٻک تي آهي سٽو جو آدمي
زهران جي اڳڻ تي چانڊني

محبوبن جي آمد کان اڳ
هُٻڪارون ڳالهائن ٿيون.

هلندڙ بس مان ڳوٺ جو منظر
ٻارَ جهُڳيون ۽ گدلو سينور.

زندگي پياري ڪيائون ديس کان
هاڻي وينا سنڌ لئہ روئن سکن.

ڏورن ڏانچا رڻ ۾، مٿان چمڪي چنڊ
تاريڪيءَ جو جنڊ، اچا ترسي ان لئه.

توجي نيڻ ڪنيا هن مرڪي
دل جي ٿرتي باڪَ ڦٽي آ.

هُن کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪر
چنڊ ڳوڙهن ۾ جا رکيو آهي

پلازا جي پيرن ۾ جهُڳيون
هر فليٽ مان اک نهاري

جڻُ ٿيا بيڪار ڪنهن پٿر جيان
جن چپن جي ياڳَ ۾ ناهي چُمي

ڪڪائن گهرن ۾ جنم ڏينهن ڪهڙا
جتي هر خوشي تي اچڻ ڪان لنوائي.

منهنجو ساهه سمونڊ، لهرون لهرون ٿون
ڪڏهن نه ڀانيو مون، پري توکان پاڻ کي.

ڦٽن ڦولن وانگيان، چميون چپن تي،
جڏهن جوين کي، رنگ لڳي تو پيار جو.

اوجاڳي اکين ۾، ٻاريو آهي مچُ
ننڊ اسان وٽ اچُ، سپنا ڪٽي سونهن جا.

جسم جي اونڌهه سڄي ويندي هلي
ذهن ۾ هڪڙوئي ڏيئو ٻار تون.

ادل سومرو ۽ اياز گُل، منهنجن انهن نوجوان دوستن مان آهن، جي سکر ۾ گهڻو ڪري، منهنجي گهر ۽ آفيس تي پيرو پريندا هئا ۽ انهن سان ادبي رهاڻيون ٿينديون رهنديون هيون. منهنجا ذري گهٽ هم عمر دوست، مرحوم رشِيد ڀٽي، تنوير عباسي، فتاح ملڪ جن به جڏهن ادبي ڪچهريون ڪندا هئا ته ادل سومرو ۽ اياز گُل به ڪنهن ڪنهن وقت انهن ۾ شريڪ ٿيندا هئا. اُن وقت هو ٻئي اُڀرندڙ شاعر هئا ۽ ٻئي لڳاتار اڻٿڪ محنت سان پنهنجيءَ شاعريءَ کي سنوارڻ جي ڪوشش ڪندا هُئا. ادل سومري سان ته منهنجي بيحد سِڪ آهي. جوته هو مُنهنجي گهر اچي ڏينهن جا ڏينهن منهنجا ڪتاب اُٿاريندو هيو. انهيءَ ڪم ۾ ڪنهن وقت هن کي سارو سارو ڏينهن به گذري ويندو هو ۽ اسان ماني به گڏجي کائيندا هئاسين. شام جو پُراڻي سکر جي گهٽين ۾ هو ۽ مان گڏجي چڪر ڏيندا هئاسين ۽ ان وقت ائين لڳندو هيو ته گهٽين جي مٿان چنڊُ اسان جي گُفتگو دلچسپيءَ سان ٻڌي رهيو آهي. مان، ادل کي پوري دنيا جي ادب ۽ پنهنجي زندگيءَ جي تجربن ۽ مشاهدن بابت ڳالهيون ٻڌائيندو هوس.

ادل سومري، جڏهن شاعريءَ جي شُروعات ڪئيته ان وقت ڪوبه چڱو شاعر ڪنهن استاد کان باقاعدي شعر جي تربيت نه وٺندو هو، پر پنهنجي مطالعي ۽ مشاهدي جي زور تي لکندو هو ۽ ادل سومري به ائين ڪيو. هن سنڌي ادبي سنگت کي پنهنجو اُستاد ٺاهيو ۽ اڄ جيڪو هُن جي شاعريءَ ۾ رنگُ آهي ان ۾ ادبي سنگت جو به حصو آهي. ادل شخصي طور تي به نئين دؤر جي شاعرن ۽ ليکڪن تي ايترو اثر انداز ٿيو آهي، جو هن کي سنڌي ادبي سنگت جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل چونڊيو ويو آهي. شاعر جي حيثيت ۾ به هو نئين دؤر جي شاعريءَ تي پنهنجو اثر وجهي چُڪو آهي. هن وقت تائين به هن جيڪي ڪُجهُ لکيو آهي اُن کي نظر انداز ٿئو ڪري سگهجي. سندس تخليقون سنڌي ادب ۾ سٺو اضافو آهن. جن ماڻهن ۾ ذات جو ڏيئو ٻرندو آهي ته اهي ترقيءَ جي راهه ۾ تيز ٽاپا گهٽ کائيندا آهن. ۽ تمام تيزيءَ سان منزلون طيءِ ڪندا ويندا آهن. ادل جي شاعري به ٿوري عرصي ۾ حيرت انگيز ترقي ڪري چُڪي آهي. مونکي اميد آهي ته جي هو پنهنجي ذوق شوق سان شاعري جي تخليق ۽ ٻئي ادب جو مطالعو انهيءَ ساڳئي رفتار سان جاري رکندو ته ڪو وقت اهڙو ايندو جو هو سنڌ جي وڏن شاعرن ۾ شمار ٿيندو.

هي ڪتابُ مون وٽ ٻن سالن کان مُهاڳ لاءِ پيو آهي. ان وچ ۾ ادل سومري گهڻو ڪجهه لکيو آهي، جو اڳي کان به بهتر آهي. هن جا اڪثر آزاد نظم نهايت خوبصورت آهن. اُنهن ۾ بحر وزن جي پابندي نه آهي. اُهي فقط بحر وزن جي سرحدن کي ڇُهن ٿا، پر انهن ۾ نواڻ آهي، تازگي آهي، بيپناهه شعريت آهي ۽ جديد انگريزي شاعريءَ وانگر رڻَ ۾ رُلندڙ هرڻ وانگر خوبصورت آهن. اُن هرڻ جو خاص دڳُ نه هوندو آهي، پر جڏهن سڄ لٿي واٽڙين مان پاڻي پيئندو آهي ته ان جي تصوير ازل جي عڪس وانگر لڳندي آهي.

●

مان ڇاٽان ٿو اڄ اوهان وٽ
ريتي رت جا سارا گل
بوٽن هينيان چچريا ويا هن
ڪنهن به ڪنڌ ۾ ڪين ٿو پسجي
پاريهر جو آڪيرو ڪو
چؤڌس آهي رت جي خوشبو
ڪنڊر آهن ساريون وستيون
ڍنل جاين جي ڪنڊرن مان
بارپيا ڳولن رانديڪا
اسڪول اُجڙيل ۽ اسپتالون آهن آباد

تنهنجا وطن پرست پيائر
جن، ڇائي ڄمَ ڪان آهي ٻڌو
گولين جو آواز
خوبصورت ڇوڪرين بدران
رائفلون آهن جن جون محبوبائون
ڏاڍ سان جوٽي جنگ بينا هن.
ڏاڍ جو ڪوئي ڌرم نه ديس
ڪابه نه ٻولي ۽ لولي
ڏاڍ نه عربي يا ڪو عجمي
ڏاڍ ته آهي وحشي انڌو
هيٺن ڪي هيسائي مارڻ
اُن جو ڏنڌو

(نظم ”جوين رُتَ جا ڳاڙها خواب“ جو حصو)

بابل تنهنجا پورهيت هٿ

ڪيڏا ڪهرا ٿي ويا آهن
تنهنجي هٿ جون هڙ ريکائون
پٿر ٻڻجي ويون آهن.
ڇهري منجهه لڪيرون ائين
ڄڻ ڪنهن ڳتيل شهر جا رستا
اگهه پورهئي جا ڪيڏا سستا!

تنهنجون سارون سندر سوچون
ذهن، نگر ۾ ٻوڙي ٻوڙي
هاڻ ته ٿڪجي پيئيون آهن
وڏگهراڻي محبوبا جان
ننڊ به توکان ڏور وئي آ

(نظم ”مايوسين کي موت به ايندو“ جو حصو)

ڪيئي ڏيهي اغوا ٿي ويا
گولين آڏو پرزا ٿي ويا
ٻنل اکين جا سڪا ٿي ويا
ٻنل دلين جا دهڪا ٿي ويا
بازارون پڙياڻگ سموريون
اونداهيءَ جي چادر اوڙهي
رات جي ناٽر ناچ نچي ٿي
چيرن جا آواز اچن ٿا.

( نظم ”امن جا وٿاڻ، ڪتاب ۽ قبرستان“ جو حصو)

اهڙا ٻيا به نظم آهن. جيئن ”هر ڏس ۾ هيداڻ آ چانيل“، ”ٿڪل زندگي“، ”ڌرتيءَ تي دوزخُ“، ”وڇوڙي جو ڪارڻ“، ”ڏکن جي سرحد وٽ روڪيل خوشيون“، ”وڇوڙي جي منڊ جي ڀهرين برسات“، ”نيروليءَ جو خُوابُ“ ۽ ”پاڙون“ وغيره. اها ڪيفيت هن جي ٻي شاعريءَ ۾ به ڪٿي ڪٿي ملي

ٿي. ادل سومري ۾ جو انسان آهي، ان ۾ قوميت به ڀرپور آهي ته بين الاقواميت به ڀرپور آهي. پوءِ به هن جي شاعري سياست سان واڇيل نه آهي ۽ اها آزادي به هن جي بحر وزن مان آزاديءَ وانگر آهي. اياز گُل وانگر ادل، شاعري ۾ اُنهيءَ دؤر جو آئينه دار آهي، جيڪا پنهنجا اسلوب ڳولي لهندي ، پنهنجا موضوع ڳولي لهندي، جن تي سنڌ جي مُهر مثبت هوندي پر پوءِ به انهن جي آفاقيت مجروح نه ٿيندي.

**ـــــــــ شيخ اياز**

# بيت

# جڳ هٿيارن جي ڇانوَ ۾

آءٌ نہ ڇاڻان ڪير؟ سڙي ويو بارود ۾
مون وٽ سيڪجھ ماڻهپو، جنهن ۾ قند نہ قير
هي لاشن جو ڍير، پنهنجو ڏوهُ پڇي پيو.

گونگي هن جهان ۾ ٻولي ٿو هٿيار
بارودي بازار ۾ آ وڏي ويو واپار
امن جو آثار هر هنڌ مٿبو ٿو وڃي

ڌماڪي ۾ ڏار ڏَڙَ سِسيءَ ڪان ٿي ويا
رانديڪا ءِ ٻار ڪوئلو ٿي ويا ڪار ۾.

آهي وچ بازار ۾ رَتُ ائين هاريو،
ڇڻ ڪنهن پٽاريو، اجرڪ آهي ايلفيءَ ۾.

نفرتن جي ٻج مان قتيا هن هٿيار
هاڻي هر هنڌ ٿي هلي، گوليءَ ۾ گُفتار
پئجي ويا ڏار محبت جي ديوار ۾.

پريل وچ بازار ۾ شعلو اڏاڻو
مومل مُئي مچ ۾ رُلي ويو راڻو
سُڏڪي، ٿي ساڻو، سچ ٻڏي ويو سمنڊ ۾.

ڪاري ڏامر روڊ تي، ٻانهون ڏڙ مٿا
ڳِجهن جا جتا، لٿا لالو ڪيت ۾.

ڪرفيوءَ منجهه پکيئڙا، اڏرن ٿا آڪاس
ماڻهو بند گهرن ۾، اٽپوري هر آس
رُڪ سندا راڪاس، رمندا وتن روڊ تي.

ڪيڏي آهي اُداس، هيءَ ايلفيءَ جي شام
دونهين ۾ گهٽجي ويو، سارو سُرهو واسُ
ماڻهپي جو ماسُ، سڙي ٿو بارود ۾.

بم جيئن بيروت ۾، لال تيئن لاڪاڻُ،
ساڳيو ستم - گهاٽُ، هر هنڌ آ حيوان جو.

فلسطيني ڪيمپ ۾ بُکَ سندو راڪاسُ،
ڪائي ماڻهوءَ ماسُ، ڪونہ سُڃاڻي ڪنهن کي.

ٻُڪ اڳيان بي معنيٰ، آهي هر ناتو
مُئل ماءُ جي ماسَ لئہ، پُٽ بہ آ آتو
ڪنهن تي ايءُ ڇاتو، ڌرتيءَ تي ٿيندو ائين.

پاڇا پهتا ماڳ تي، پنتي سڀُ انسان
ٽڪجي پيا پنڌ ۾، اڌورا ارمان
خوابن جا مهمان، رات رهن ٿا هڪڙي.

ورديءَ منجهہ وري آ، موٽيو مدد خان
لوهي گهوڙا ڊوڙيا، وستيون سَڀُ ويران
ڌارين جو دهمان، اڄ بہ ساڳيو سنڌ ۾.

ڪڪاوان جهوپا، جن ۾ ڪجهہ انسان،
ويا اُڏائي تن کي، تاتاري طوفانَ
رهيا ڪين نشان، تہ هت بہ ڪوئي ڳوٺ هو.

تاتارين تنبو، کوڙيا اڄُ ڪراڙ تي،
ڪنول ڪوماڻا، هرطرف، بارودي بدبُو
خوشي ۽ خوشبو، تي مهانگي ڏيهہ ۾.

ويري! تنهنجو وسُ آ، منهنجا خواب اُجاڙ
سنگ نہ منهنجا ساڙِ هي جي نسريا پوک ۾.

شام لٿي آ ڳوٺ تي، پر نہ پکي آيا
شايد ڦاسايا، مارين مکر فريب سان.

شام لٿي ا ڳوٺ تي، جليو ڪٽ نہ ڏيئو
پاتو ڪنهن نہ ليئو، نہ ئي ٻارن ٻوليو.

روئندي رات ڪُتي، لُڙڪ سُڪا هر اک جا
ڳاڙهي باک ڦُٽي، گوپانگن جا ڳوٺ ۾.

گوليون گوپانگن کي، مسجد منجھ لڳيون
حيوانن ڪڍيون، هنيون وڏيءَ هيج مان.

سفر منجھ شهيد، ٿيا مسافر ڏيھ جا
اڄُ بہ آهن يزيد، هٿيارن جي چانوَ ۾.

زخمي بس جي شيشن تي، رتُ جي گلڪاري
ساري سواري، گولين سان وئي گهائجي.

ڌرتي تنهنجا گُل، ٻوٽن هيٺ لتاڙيا
پرمل ۽ ٻاگهُلَ، ڪيئن پائينديون گجرا.

مُند نہ ڪائي موت جي، پڙَ جو موت پلو
هلندا هوت هلو، سونهن سڏي ٿي پاڻ کي.

جيڪي اڄُ ٿيو، وري نہ ٿيندو هيل
ڌرتيءَ جا ڌاڙيل! ڏيهہ سڃاتو توکي.

سُک ۽ سُرهاڻ جُون گهُلن هوائُون
گهوٽَ لهن لائُون، سدا پنهنجي سنڌ ۾.

# سچ سچي سڌڪو

## (ترجمي ڏڪار کان متاثر ٿي لکيل)

توهر وانگي ترَ ۾ موت ڦُٿو آ جَنُ
سُڪي ويو سورن ۾ تاريليءَ جو تَنُ
وقت وڏو هڻ ڪڻ ۾ ڏوتين کي ڏنگي ويو.

اکيون ٻڄي اُجَ ۾ ڳولي تڪيون ترَ ۾
گجهن ولر اُيَ ۾ چوڏس رائو رُج
سونهن سموري سُج ۾ پينگ وسي هر پٿ تي.

خوشيون تر ۾ ايئن ۾ واريءَ تي چڻ نانوَ
ڏڻ نه ڪوئي واٽ تي ۾ وڻُ نه ڪائي چانوَ
هيسيل سارا هانوَ ۾ پٿن پر يوڳن پيا.

پالوا جي پٿَ تي ۾ لوليءَ لئه لاتيون ۾
پاٽيءَ جي هڪ بوند لئه ۾ اکيون سڀ آتيون
بادل برساتيون ۾ هاڻي پسجن خواب ۾.

گوري! تنهنجي ڳچ تي، سُورن جا سيبا
چاهت جا چئبا، گيت نہ اهڙيءَ منڊ ۾.

*ڀڳت! تنهنجيءَ ڀونءِ تي، ٻُڪ ڀيئي ڀڙڪي
سُک سمورا تنهنجا، راوڻُ تو رڙڪي
دولت جي دڙڪي، تنهنجو ساهہ سُڪائيو.

جيسين ناهي جاڳ، ڀاڳ نہ تيسين ڀَر ۾
موهن! تنهنجا راڳ، ڀٽر آهن ڀيٽ سان.

ڌرتي منجهہ دفن، ڀڳت! تنهنجا ڀاڳ
ڪاش هي تنهنجو فنُ، ڀٽن ڪي ڀيلي سگهي.

ڏورن ڏانچا رڻ ۾، مٿان چمڪي چنڊ،
ٿاريليءَ جو جنڊ، اجان ترسي اَن لئہ.

ٿر سمورو ٿرٿلومرڪ بنا هر مُک
ڏونهين وانگر ڏُک، ڏُکي روز پکن ۾.

* موهن ڀڳت

واريءَ مٿان وڄ سانءِ وري ٿئي وسڪار
ڏوئي ڪولهڻ وارءِ ڪڏي چيڙهه چڳن مان.

ٽڪل ٽري ٽر ۾ پؤنرن جان پٽڪن
اُپُ اُگهاڙو آگمينءِ ڪٿان گُل ڦٽن
اڪيون روز ڏسنءِ سپنا سانوڻ مينهن جا.

پٽيون پنهوارن جونءِ پڳل بتيلا
ڏيرا ڏوٿيئرن جاءِ ڇَنن پَر ڇيلا
مٿيءَ ۾ ميلاءِ ٿيا ڏکن جا پاڻ ۾.

جيڏا توهر ٽر ۾ تيڏا آهن ڏُک
مٿيءَ هاٿاٽ مُکَءِ داني لئہ درماندا ٿيا.

اُڄ اُهائي رُڃ ۾ سُڪل سارو ٿرُ
ڪٿان ڪوبہ ڪڪرُ اُيريون ناهي اُپ ۾

وسڪاري جي آس تيءِ ولڙ ويڳاٽا
مورن ماندءِاٽا ڪونهن ڪارونجهر تي.

اڄُ ٻہ آڳم آسريءِ آهي اُجارو ٿرُ
ڏاٿوءِ ڪوڏرِ هرُ ڪٿجي ويا ڪنڌ ۾.

ننگي نيري اُپَ تيءِ آڳم جي اُپرن
ٻيهر ٿرِ ٻُرنِ گيت جهُٽاليءَ رُتَ جا.

ساوڻُ رُتَ ۾ مورُ نچي نچي ماندا ٿيا
ڪارونجهر تي شورُپر نہ ٿيا وسڪار جا.

پرين منهنجا پنڌَ ۾ بادل پَئہ برسي!
تنهنجي لئہ ترسيءِ نيڻَ ٿڪا هن ٿر ۾.

رات لٿي آ رُڃَ ۾ سُڃ سڃي سُڏڪو
ڪارونجهر تان ڪوءِ سڏي ٿو سارنگ کي.

مينهن هُجي محبوبءِ مان روئي پرچايان
مٿان برسايانءِ ٿرين جي هر ٿاڪَ تي.

آگم! اچين شال، وڄُن ساڻُ وري،
پوي ٿرُ ٽري، مونجهارن جو موٽُ ٿئي.

# انوکو آواز

سچل يا منصور، ٻئي ساڳيو پنڌُ
محبت ۾ منظور، عاشقن اڏي ڪئي.

قاضي ڪُڏيا ڪالهه، سچُ ڪري سنگسارُ
ساڳيو آ وهنوارُ اڄُ ٻہ سچوءَ ديس ۾.

فتوىٰ جي قرهيءَ تي، اوندهہ سڀُ اکر
آخوندن آکر، اڇليا متان عشق جي.

قاضين قبوليا، دينُ ڏئي دينارَ
ڏوڙ انهيءَ دستارَ جيڪا مٿي تن جي.

سچل ڏني سگهہ، سچ کي ساٽيهہ ۾
هونئن تہ توري اگهہ، ويا وڪامي ڪيترا.

هرڪا سٽَ سچل جي، اُگهاڙي تلوار
ڪڙڪي جا چوڌار، سدا ڪُوڙن ڪندَ تي.

قاضي كانديرا سچل گُلُ گُلاب
پڙهڻُ آهي ثواب سيڪا سِٽَ سچُوءَ جي.

# آليون اکيون، مرڪ چپن تي

شامون سانوڻ رُتَ جون، سنڌوءَ ڪنارا
بادل وسڪارا، چؤڏس مهڪَ گُلاب جي.

ڪينجهر تي پريات، ڪنول، بتيلا نند ۾
رهاڻين ۾ رات، توسان گذري جاڳندي.

تنهنجي مُرڪ - تلاءَ جو، ڳوليندي چارو
اجا اُجارو، هرڻُ منهنجي چاهه جو.

ڪيڏو تنهنجي ويڇڙو، پوءِ ٻه ساڳي اُڃ
روح نسورو رُڃ، توڪان جي دُوري ٿئي.

توڪان دوري رڻُ، تو سنگ ڳهاٽي ڇانوَ
تو سيکاريا ڏانوَ، مونکي پيار ڪرڻ جا.

منهنجو ساهُ سمونڊ، لهرون لهرون تون
ڪڏهن نه پانيو مون، پري توڪان پاڻ کي.

پنل پکين وانگيان، پاڻ پئي ، برسات
وڻن هيٺان راتِ، گُذري پيارَ پناھہ ۾.

پرندڙ جبل جيئن، ڪڏھن ڪڏھن تون
تڏھن وسي مون، توکي آھي ٿڌو ڪيو.

ڦُٽن ڦولن وانگيان، چُميون چپن تي
جڏھن جوڀن کي، رنگ لڳي تو پيار جو.

مانجهاندڙين جي ڇانوَ ۾، سُتل ھئينءَ تون
پرسان تنهنجي مون، خواب اُٿيا پئي ڪيترا.

ڏُک پلا ھن ديس جا، ڀاھريون خوشيون ڀن
پري تان پنهنجن، مُرڪ نہ سونهين مُکَ تي.

جيڪو پوکي پيار، تنهن وٽ آ سُرھاڻ
اندر اُلا آڳ جا، لفظن منجهہ ٿڌاڻ
اکين ۾ آلاڻ، پوءِ بہ مُرڪ چپن تي.

جيسين رهندي ساهه ۾ ساجن تنهنجي سارَ
ڪڙندا ڪٽٿهار، تيسين تنهنجي پيار جا.

نفرتن جي شهر ۾ جيڪو وندي پيارُ
اڇڪلهه جو اوتارُ سوئي سڏجي ٿو سگهي.

اجرڪ مان اکيون، جڏهن ڏسن ٿيون
چڻُ تہ پياسي پٽ تي، بوندون وسن ٿيون
مُڪڙيون ڪلن ٿيون، جهُومي ٿاري من جي.

چولي چولي چڪَ، سک ساماڻي ساههَ ۾
ڏنو ٻڌي ٽڪ، سمنڊ ڪناري سانوريءَ.

ڪرفيوءَ جي وقفي ۾ ملياسين تون مان
رهجي ويا ڪيترا، اندر ۾ اُڌما
ڏار ٿيس توکان سائرن جي آواز ۾.

ڪرفيوءَ جي وقفي ۾ مونسان ملينءَ تون
جذبا پنهنجي جيءَ جا، ويهي اورياسون

ڳالهيون ڪوڙ هيون، وقت نہ پنهنجي وَس ۾.

مُرڪن جا هر موڙ تي، روڪيل هن رستا
سُور مڙئي سستا، دل وارن لئہ ديس ۾.

اسين مسافر پيار جا، دل اسانجو ديس
پنهنجي لئہ پرديسُ، رُسڻُ آهي پرينءَ جو.

آءٌ اهوئي اوپرو، تنهنجي چاڻَ سُڃاڻَ
مندن ساڻُ متائيا، ماٺهن محبت ماڻَ
اُلفت جا اُهڃاڻَ، سارا متبا ٿا وڃن.

جنهنجي مُرڪ مٿان، گهورين پنهنجا گيتَ
اڄُ اُنهيءَ ميت، تانءُ پڇيو آ مون ڪان.

جن جن واٽن تي، پنڌ گهُمياسين گڏُ
هاڻِ انهن تي سڏُ، گونجي ٿو پيو تنهنجو.

ڪار جي شيشي مان، هٿُ لوڏيو هو تو!!
ڪين رهيو آ پاڻ ۾ هاڻي ڪو رشتو

پوءِ پرين تو ڇو؟ ڊُرُ ڪڙڪايو دل جو.

منُ سندم ويران، ڇهرو پوءِ ٻہ شهر آ
ڏُک ٿيا حيران، منهنجا ٿهڪ ٻُڏي ڪري.

لُڙڪ اکين ۾ گُلدستا هٿن ۾ منهنجي،
تنهنجا ئي رستا، ڏسان سارا ڏينهن تو.

اکيون تنهنجي آجيان، هرپل ڪنديون دوست!
ڪيئن تو آءٌ ٿيان، مُنڪر تنهنجي مانَ جو.

اوجاڳي اکين ۾ ٻاريو آهي مَچُ
ننڊ اسان وٽ اڄُ سپنا ڪٽي سونهن جا.

رُني ڏينهن ٿيا، ملُ تہ وسن مينهن
مونگي تنهنجي نينهن، ٻيهر ڳوهي جوڙيو.

جنهن ٻہ راهہ مٿان، تنهنجا پير پون
منهنجا گيت هجن، وڪريل اُنهيءَ واٽَ تي.

هُجومن ۾ هيڪلو، توبن آهيان آنءُ
وٽان تنهنجو نانءُ، ساهہ سندم سُرهاڻ ٿئي.

رُساما پرچاوَ، پنهنجا تين پاڻ ۾
توکان ملن گهاوَ، تون ئي پرين سي اچي.

جڏهن ٻہ تو مونڏانهن، مُرڪي نهاريو
مون آ وساريو، تنهنجي ڏنل ڏک کي.

لُڙڪ وڇوڙي لاءِ مون، جيڪي بچايا
سيئي وسايا، تنهنجي هڪ جملي پرين!

# غزل

سونهن جا اجرن پکين ۾ ٿي رهي
شاعرن جي سا دلين ۾ ٿي رهي

تنهنجي گذرڻ بعد پي ڪيئي پهر
تنهنجي خوشبو چڻ گهٽين ۾ ٿي رهي

ناهي شاوَرَ ۾ اُها منهنجا پرين!
ڳالهه جا مينهن جي ڪٽين ۾ ٿي رهي

الوداع توکي چوڻ کان پوءِ سدا
مند ساوڻ جي اکين ۾ ٿي رهي

جيڪا هاريءَ جي هٿن مان ٿي ڦٽي
روشني سائي ٻنين ۾ ٿي رهي

هر نظر اخبار واري پار جي
چونڪ جي ڳاڙهين بتين ۾ ٿي رهي

ڇا سياروءَ ڇا بهارون بس فقط
درد جي موسم جهُڳين ۾ ٿي رهي

پارڙا سڀ پاڻ ۾ خوش ٿي ڪُڏن
هر گهٽيءَ جون رونقون قائم هجن

ڪين سي ناتا سُڃاڻي ٿيون سگهن
جن اکين تي عڪس نوٽن جا ٿهن

زندگي پياري ڪيائون ديس کان
هاڻي ويٺا سنڌ لئه روئن سڪن

ديس ڌاران ڪا سُڃاڻپ ناهي دوست!
پل هجين بامبي ۾ تون مالڪ لکن

گهر اباڻو ماءُ پيءُ ٻُڍڙا اڪيلا!
پُٽ سيئي پنهنجن گهرن ۾ ٿا رهن

سُونهن جي ساڃهه اکين مان آ وئي
سڀُ ٿا پاڇن پٺيان سهڪن ڏُکن

هَرَ جي سُهٽي قلم سان سُک سندا
ڌرتي! توتي گيت ٿا هاري لکن.

رستن تي ارمان پيا هن
زخمي سڀ ارمان پيا هن

گهر سمورا ويا ٻهاري
جارن ۾ قرآن پيا هن

ديس ڏٽين جا چؤواٽي تي
وڪري لئه سامان پيا هن

دل ڪان ويندي ديول تائين
اوڏر تي ايمان پيا هن

ڪنول جهڙين داسين آڏو
پٿر جا ڀڳوان پيا هن

منڙي مرڪ جي پاڇي ۾
دوکا ۽ دهمان پيا هن

آهي هتي سُرهاڻ تي بندش
خالي سڀ گلدان پيا هن

ڏات جي مڙني ڏارن ۾
گُل ڦٽي پيا ٽارن ۾

نيڻ اُجهاميا واٽن تي
ڏيئا ٻرن ٿا جارن ۾

پرينءَ ملڻ جا گذريا پل
راشن جي ته قطارن ۾

ڏُک دلين جا پڌرا ٿيا
چهرن جي آثارن ۾

نينهن کيو سارو نروار
گُونگن ڪالهه اشارن ۾

سڙيل گهر تي باک ڦُٽي آ
درد شهر تي باک ڦُٽي آ

ناتر جهومي نيٽ ٽڪي آ
ڪارونجهر تي باک ڦُٽي آ

ٿاريليءَ جو ڳُج ٿو مرڪي
ڍٽ ڍٽ تي باک ڦُٽي آ

سپني مان سندرتا جاڳي
پيار نگر تي باک ڦُٽي آ

پاٽياريءَ جي پڇڻ سان ئي
پوڏيسر تي باک ڦُٽي آ

ڏُک جي رات لڙي آ ٽريا!
هر ٿوهر تي باک ڦُٽي آ

پڪيءِ بٽيلاءِ سنڌوءِ ساوڻ
لهر لهر تي باک ڦُٽي آ

توجي نيڻ ڪنيا هن مرڪي
دل جي ٿر تي باک ڦُٽي آ

پنجي تولي ساڳئي آهي
سامهون گولي ساڳئي آهي

ڪنهن ٻه ديس ۾ گونجي پر
دانهن جي ٻولي ساڳئي آهي

شاعر ۽ ساگر جي سيني
ڇُلندڙ چولي ساڳئي آهي

تنهنجي در تان پيار پنڻ لئه
جهلي مون جهولي ساڳئي آهي

اڄُ ٻه تنهنجي او پاٽياري!
ڇڪ ۾ چولي ساڳئي آهي

سرد جذبن ۾ چا رکيو آهي
پند پهڻن ۾ چا رکيو آهي

تون جي ناهين ته پوءِ نهارين ڇو؟
سُڃ رستن ۾ چا رکيو آهي

سات تنهنجو رهيو نه واعدو ڪو
هاڻي سپنن ۾ چا رکيو آهي

مون ته دل جي اکين جي ڳالهه ڪئي
تنهنجي نيڻن ۾ چا رکيو آهي

هن ڪي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪر
چند ڳوڙهن ۾ چا رکيو آهي

هر ڪو ماڻهو هتي وڃي وڪري
بند شهرن ۾ چا رکيو آهي

ڪوئي تحفو ڏيڻ ضروري آ
خالي رشتن ۾ چا رکيو آهي

لوڪ ناٽي جي ڳالهه تو سمجهي
تنهنجي شعرن ۾ چا رکيو آهي!

تار تو ۾ مست سنڌو پيو وهي
سنڌ! تنهنجي سونهن شل قائم رهي

ڪو تصور ٿو ڪيان دلڪش جڏهن
عڪس منهنجي ذهن ۾ تنهنجو ٿهي

ماڳ مارن جا پلي مرڪن سدا
ڏک سيني جا ويٺي ڌرتي سهي

مان اڪيلو ٿر جي سانجهي تنهنجي ياد
سامهون ٿوهر جي پٽيان ٿو سج لهي

منهنجي سپنن ۾ سمايل سنڌ آ
ڪين منهنجي خواب جو ڪو گهر ڊهي

چاڻ تہ ڦهليو روشن واس
هاڻ نہ رهندي رات اُماس

ڏيهہ ڏڪايل ۾ اوسائين!
مرڪ نہ آئي ڪنهن کي راس

ڳوٺ جي ڪنهن شمشان جيان
شاعر جي دل آهي اُداس

فوٽ پاٿ تي شڪنتلا کي
ڏسي روئي ها ڪاليداس

ڌرتيءَ ڪان وڏ سچ نہ ڪوئي
نظرن جو دوکو آڪاس

ايندڙ ۾ سَوَ آسون آهن
ويندڙ جو ڪهڙو وشواس

نيٺ تہ ڍهندو هي دستور
ڪوبہ نہ رهندو ڪنهن جو داس

ڪيڏا ڀي طوفان اچن پر
نينهن نہ ٿيندو آهي نراس

اڄ چو جذبو ساڳيو ناهي!
تنهنجو چهرو ساڳيو ناهي

لفظن کي چڻ لونُ لڳل آ
تنهنجو لهجو ساڳيو ناهي

توکي پيي اڄ ڪين وٺون ٿا
ياڳ ٻ پنهنجو ساڳيو ناهي

تنهنجو گهرُ چو ڪين تو ليجي
يا هي رستو ساڳيو ناهي؟

تنهنجو نانءُ چپن تي آ پر
دل جو دهڪو ساڳيو ناهي

هاڻ ڪجي ويساهه ٻ ڪنهن تي
منهنجو پاچو ساڳيو ناهي

اخبارون ڳالهائن ٿيون
ديوارون ڳالهائن ٿيون

نفرن جا آڙاهه اکين ۾
تلوارون ڳالهائن ٿيون

پنهنجي اگهه بڌائڻ خاطر
دستارون ڳالهائن ٿيون

عوامي آواز تي بندش
درٻارون ڳالهائن ٿيون

محبوبن جي آمد کان اڳ
هُيڪارون ڳالهائن ٿيون

شاهه هجان ها جيڪر آنءُ
ڳڙ لڪجي ها توسان نانءُ

سنڌءِ سونهن ڪيو آ سوگهو
هرڻ هنيڪلو پنهنجو هانءُ

توکي ڏسندي گيت رچيم
هونءَ تہ مون ۾ ڏات نہ ڏانءُ

سورج هيٺان پاڻ رهياسين
جڳَ واري ساري ڇانءُ

پيار جو هڪڙو سڪو چاهي
منهنجي من جو خالي ٿانءُ

جنهن کي سمجهي لوڪ تنهنجي ڪمتري
ڪر نہ تون اختيار اهڙي عاجزي

ويس گيڙوءَ ۾ هتي آهي غزل
سنڌ ۾ سونهين نہ چوغو فارسي

جنهن ۾ ناهين زندگيءَ جي جستجو
ڪهڙي ڪم جي آهي اهڙي شاعري

وئي وڪيري وقت جي هلڪي هوا
پيار تنهنجو پي هيو ڇڻُ ڪاغذي

تنهنجو ئي چهرو نظر مون کي اچي
مان نهاريان تو جڏهن بہ آرسي

مان پڏائپ ۾ بہ توکي چاهيندس
ناهِ توسان منهنجو پيار عارضي

”پيس سر“ جو راڳ پيو آلاپجي
دفترن ۾ ٿي فنا وئي زندگي.

ڌرتيءَ جا پوڄاري آهيون
پاڻ سيئي ڌوهاري آهيون

سنگهرن ۾ ڪيئن قيد ڪندين!
خوشبو جان چؤڌاري آهيون

حاڪم جي هر ڳالهه قبولي
ڪين ٿيا درٻار آهيون

محبت أي مسجود اسان جو
سونهن سندا ساڻاري آهيون

مايوسيءَ جي منڊ ۾ پنهنجي
ديسين لئہ دلداري آهيون

ٿر مٿان تذڪار ڪنڌڙ أي
سارنگ سان سهڪاري آهيون

ديس مٿي جي نقشي تي جَنُ
موهينڌڙ گلڪاري آهيون

امن پسند انسانن جي لئہ
ڪين ٻٽيا آزاري آهيون

ڦورُو ٿولن لاءِ سدائين
آڳِ مٿان آنڌاري آهيون

ڌارين کي هيءَ ڌرتي پنهنجي
آچڻ کان انڪاري آهيون

ختم ٿي وڃي سا ڪهاڻي نہ آهي
ڪٿي پيار جي ڪا پُڄاڻي نہ آهي

اڃا آس جو واس آهي ذهن ۾
اڃا دل جي ڏياتي اُجهاڻي نہ آهي

ڪيڏا درد طوفان ٻڌجي اچن ٿا
تڏهن بہ اکين ۾ ڪو پاڻي نہ آهي

محبت سان آهي جبل تي جهڙالو
ڪائي ڪونج تنها اُڏاڻي نہ آهي

جذبي سان سرجيل سچي گيت جي، ٿي
ڪڏهن ڪائي مصرع پراڻي نہ آهي

اسان کي سو سهڻا وساري نہ ڇڏجو
ڏئي پيار دل مان ڏڪاري نہ ڇڏجو

اوهان پنهنجي گهر جي ڪشادي پڌر تان
پرين جي پکين کي اُڏاري نہ ڇڏجو

جڏهن قرب جي ڪا وڃو ناوَ ڪاهي
خُدارا اسان کي ڪناري نہ ڇڏجو

کلڻ جي تہ عادت اوهان ئي وڌي آ
روئي پاڻ مونکي روئاري نہ ڇڏجو

اوهان مرڪ پنهنجيءَ سان خوشبو پکيڙي
نهاري، جياري پوءِ ماري نہ ڇڏجو

ڪنهن پل اوهان کي ملي وقت منڙا
اڪيلو ائين ئي گذاري نہ ڇڏجو

بارودن کي ڳاري ٺاري
ڌرتيءَ تي ڇڏ ڳُل پٽاري

سياست جي ست رنگي دنيا
کھڙا کھڙا روپ ٿي ڌاري

ميرن کپڙن وارا ماڻھو!
ڪير تو تولئہ ڪار بيھاري

ڪليل دريءَ مان چند نھاري
روئندڙ ٻالڪ ماءُ سمھاري

پلازا کي پيرن ۾ جھڳيون
ھر فليٽ مان اک نھاري

جيون - ٻيڙي طوفانن مان
اُڪري ويندي سونھن سھاري

دل، سرڪاري پلاٽُ تہ ناھي!
گھڙيءَ ۾ ويندي جو والاري

سچي حياتي ساٿُ ڏنو ٿئون
ھاڻي دُکن کي ڪير ڌڪاري

اڳين ڪرسين تان سادا ماڻھو
معزز ماڻھن ڇڏيا اُٿاري

اڳُ ٽيندا ھا اوسيئڙا پر
ڪير ٿو ھاڻي ھيڪل گھاري

تون تہ وئينءَ پر بند اکين ۾
وئي آھين سَوَ خواب وساري.

ڪيئن ڪيان مان توسان دوکو
تولءِ ناهي چاھُ رهيو ڪو

دل آهي ديوار مٽيءَ جي
وڏو ڦٽو ٿيو پيارُ پروڪو

ماڙين منجھ ٿا ٺهڪ ٽڙن
جهُوپي ۾ رهجي ويو سڏڪو

پنهنجي رتُ جي بوتل وڪٽي
ڏيءَ لئہ آندو مون رانديڪو

دردن جو هي ناهي نماءُ
ڪين ڪپي همدردي لوڪو.

گهڙيءَ لئہ پنهنجو جوڀن پسائي
ويو منهنجي نيڻن جا ڏيئا اُجهائي

سڄي ڳوٺ وارن جو ڳالهيون ڪيون سي
مگر ڪين پنهنجون سگهياسين ٻڌائي

وڏي شهر جو شوق ڪيڏو هو توکي!
اجايو اچي پاڻ ويٺين وڃائي

سيئي دوست پنهنجا سنجيده ويا ٿي
نہ مرڪي ٿو ڪوئي، ٿو ڪو کلائي

بارش جا ايندڙ ڏڪن جي گهڙين لئہ
اسان ٽهڪ ٿورا رکيا هن بچائي

سين نانءَ پنهنجي پرين جا کنيا پر
اسان سنڌ! وينا سين تنهنجو سڏائي

ڪڪائن جهُڳين ۾ جنم - ڏينهن ڪهڙا!
جتي هر خوشي تي اچڻ کان لنوائي

تنهنجا قهليل پانهون آهن
منهنجون روڪيل راهون آهن

رات، سيارو، وڻ ويڳاڻا
ڪوهيڙي جون ڪاهون آهن

ڪچين درن جي دروازن ڏانهن
ڪچندڙ ڪوڙ نگاهون آهن

هن ڌرتيءَ جون ڪيئي نياڻيون
ظلم ڪيون بيواهون آهن

شهر سڄي جا ماڻهو گونگا
ديوارن جون دانهون آهن

شاعر! تنهنجا گيت ڏُڪايل
اڪر ۾ اڪر آهون آهن.

تنهنجي گهر جي پرسان آهيان
جڻ مندر جي پرسان آهيان

ڏيهه ڏکن جو ڏوري هاٽي
مرڪ - شهر جي پرسان آهيان

ڪندن جهڙا لفظ چوي ٿي
جڻ ٿوهر جي پرسان آهيان

جذبا ۽ احساس نه ڪوئي
هڪ پٿر جي پرسان آهيان

نفرت جون اورانگهي راهون
نينهن نگر جي پرسان آهيان

ڪيڏو تاءُ اکين ۾ تنهنجي
جڻ خنجر جي پرسان آهيان

سمنڊ اکين ۾ اُڃ چپن تي
لهر لهر جي پرسان آهيان

لفظن ۾ ٽهڪن جي خوشبو
ساهن ۾ سُڏڪن جي خوشبو

”رات راڻيءَ“ کان وڌ هوندي آ
پيارن ۽ پنهنجن جي خوشبو

شاعر کي آ ننڊ اچي وئي
جاڳي ٿي گيتن جي خوشبو

منهنجي دائريءَ ۾ آ ٿهليل
تنهنجي ئي لفظن جي خوشبو

رات وساري ويئي آهي
نيڻن ۾ سپنن جي خوشبو

راڳيءَ جي آواز پکيڙي
محفل ۾ دردن جي خوشبو

مُرڪي کيئن لڪائي سگهندينءَ!
چهري مان لُڙڪن جي خوشبو.

ديس جي ڌرتي جڏهن آهي رُني
ڪين پوندا هِن تڏهن شاعر سُمهي

هٿ لڪيرن ۾ ڪڏهن پُلجي نہ پَئہُ
سگهہ سان هر آس هٿ آهي پُني

تنهنجي پاڙي ۾ مليو مونکي سُڪون
هر گهٽي مون شهر جي آهي گهمي

قافلو ڪڪرن سندو رمندو رهيو
راتِ، تارن جي ڏڪي آئي چُني

جڻُ ٿيا بيڪار ڪنهن پٿر جيان
جن چون جي ياڳَ ۾ ناهي ڇمي.

ديس جي ڌرتي جڏهن آهي رُني
ڪين پوندا هِن تڏهن شاعر سُمهي

هٿ لڪيرن ۾ ڪڏهن ڀُلجي نہ پَئہُ
سگهه سان هر آس هٿ آهي پُني

تنهنجي پاڙي ۾ مليو مونکي سُڪون
هر گهٽي مون شهر جي آهي گهمي

قافلو ڪڪرن سندو رمندو رهيو
راتِ، تارن جي ڏڪي آئي چُني

جڻُ ٿيا بيڪار ڪنهن پٿر جيان
جن چون جي ياڳَ ۾ ناهي چمي.

چنڊ ستارا ڳائن ٿا
ڌرتيءَ وارا ڳائن ٿا

پرين! اوهانجي نيڻن جا
جُڙ ته اشارا ڳائن ٿا

لهرن تي ٻيڙي تي جهومي
سُڀ ڪنارا ڳائن ٿا

تنهنجون ادائون، مست هوائون
ڪونگو تارا ڳائن ٿا

جن تان گذري تون وئي آن
سارا چارا ڳائن ٿا

بادل جهڙا سُپرين تولئه
مورَ اُجارا ڳائن ٿا

پيار وارو دورُ ٿو ڊوڙي پيو
چڻُ تہ من ۾ مورُ ٿو ڊوڙي پيو

تنهنجي چپڙن جو چورايان رنگُ مان
ذهن ۾ هڪ چور ٿو ڊوڙي پيو

سگهہَ سان ئي خواب کي ساڀيا ملي
هر گهٽيءَ ۾ زورُ ٿو ڊوڙي پيو

چيٿَ سهڻا ڪيئن نہ ٿا ڇُرجي وڃن
اجرڪن تي پورُ ٿو ڊوڙي پيو

ماٺ ناهي زندگيءَ جي شهر ۾
هر طرف هڪ شورُ ٿو ڊوڙي پيو

لوڪ آڏو پل نہ مونکي سار تون
ناڻءُ منهنجو دل ۾ ئي اُچار تون

هر اکر ۾ باهه ٿِي پڙڪي پئي
برف بڻجي لفظ منهنجا ٿار تون

هيڪلائي ٿي پئي جن کي ڏنگي
ڪي گهڙيون تن سان بہ گڏجي گهار تون

ڪين رڪُ تون دوستي مونسان پلي
پر نہ دشمن جو رويو ڌار تون

جسم جي اونده سڄي ويندي هلي
ذهن ۾ هڪڙو ئي ڏيئو ٻار تون.

منهنجو هي اندرُ ۽ سنڌُ
چڻُ هڪڙو مندرُ ۽ سنڌُ

سوچن ويٺا پاڻ ۾ ٿيئي
ساڌ پيلو سڪرُ ۽ سنڌُ

تنهنجي اکين ۾ آءٌ ڏسان ٿو
ٿاريلو منظر ۽ سنڌُ

مون لئه ٻئي مقدس آهن
دلبر تنهنجو درُ ۽ سنڌُ

آهي سدائين ذهن ۾ تنهنجي
يادُن جو لشڪر ۽ سنڌ

روئي ٿو پيو گوبند مالهي
ساري پنهنجو گهر ۽ سنڌ

سامهون آهن هڪيئي جي
دشمن جو خنجر ۽ سنڌ

مون تي سمجهو سولي آهين
سائنڻ! تون تہ پرولي آهين

منهنجو پيار بتيلي وانگر
سامونڊي تون چولي آهين

ويساهن ۾ قاسي جندڙي!
پنهنجن کان ئي رولي آهين

تنهنجا لفظ صحيفن جهڙا
محبوبن جي ٻولي آهين

ڪاچي جهڙي جيون ۾ تون
آئي ٻڄي هولي آهين

ڪڏهن نہ خالي ٿيندينءَ تون
پيٽ ڏٽيءَ جي جهولي آهين.

ڍنڍ اکڙين ۾ ٿيا، لُڙڪ تنهنجا ڪنول
مان ڏسان ٿو ڪنول ۽ لکان ٿو غزل

وار پنهنجا هوا ۾ تو ڇوڙي ڇڏيا
سمنڊ ڇولين ۾ ڇڻُ ڪا اڇي وئي اٿل

ننڊ منهنجي اکين کان رُسي ٿي وڃي
تنهنجون يادون اچن روز آڏيءَ مهل

جڏهن کان پرين تو آ ناتو ڇنو
تڏهن کان سپني خواب آهن رُٺل

مان ڳائڻ ٿو چاهيان نہ ڳائي سگهان
تارَ دل جي تنبوري جي آهي ٽٽل.

ڪيڏا چرچا پيارن سان
ڪن ٿا ڪُوھ اجارن سان

سي أي پل سجايا پنھنجا
گذريا جي تو پارن سان

پيار نہ آھي حاصل ٿيندو
تعويذن ۽ ڏارن سان

جن ڪان رُسي چنڊُ ويو آ
ڳالھيون ڪن ٿا تارن سان

منھنجو روح سدائين ريجھو
خوشبوءِ گيتنِ پارن سان

ھاريءَ جھول اُھائي خالي
ياڳ ويا پوتارن سان

راتيون جاڳي ڏيئا اورن
دل جا قصا جارن سان

درياھ وچ ۾ تنھنجي ٻيڙي
پنھنجا پنڌ ڪنارن سان

عيبن ھار ھلي ڪيئن سگھندا
تو جھڙن اوتارن سان

گيت ـ نگر جو گسُ ٿي ڳولي
پين اُجاري مسُ ٿي ڳولي

واهڻ جي هڪ سادي نينگر
مير ڍنڍ ۾ عڪس ٿي ڳولي

تنهنجي اکين ۾ چاهت منهنجي
گم ٿيل هڪڙو شخص ٿي ڳولي

موت کان اڳ ۾ هيسيل هرڻي
شينهن اکين ۾ ترس ٿي ڳولي

ايڪسيڊنٽ ۾ پيرَ وڃائي
ناتر ننڊ ۾ رقصُ ٿي ڳولي

# نظم

# ڪئمپ، ڪرفيوءِ چنڊ

ڪئمپ ۾ ڪوئي ٻارُ ٿو روئي
قاتل بينرُ ڦڙڪي ٿو پيو
رتُ ۾ وهنتل ڪوئي سپنو
ننڊ نگر ۾ ڦتڪي ٿو پيو

محبوبن جي اوسيئڙن جا
سارا درد سُمهي پيا آهن
دل ڌرتيءَ تي ديس ڌُڪيءَ جا
ڪيئي گهاوَ ڦُٽي پيا آهن

رهبر سارا روز اسان ڏي
اخباري ٿا بيان اُماڻن
روٽيءَ بدران هاڻ اسان کي
پاروٿا ڪجھ گيت ٿا آڇن

مُرڪ رُسي وئي ڇهن کان آ
شهر ۾ ساڳيو ڊپُ وسي ٿو
ڪرفيوءَ جي راتين ۾ هاڻ
چنڊ بہ دهشتگرد لڳي ٿو

# ڏُکي ديس جي چانڊوڪي رات

ڳوٺ منھنجي مٿان، رات ڏاڍو رُني
چنڊ شاھد ھيو، ڪيئن لڙي ھئي ڇُني
پيڻ منھنجي پري، چرڪُ جاڳي پئي
چڻ ته ماري ڏسي، ڪائي ھرڻي ڊني
ڪين دونھون صبح جو جھڳين مان اُٿيو
باھ دل ۾ ھئي، ڪنھن نه چاڙھي ڪُني
واھُرو سڀ سُتا، ڪنھن نه سڏڪا ٻڌا
پاڻ کي اُن سَمي، ڏُک ھئي آٿت ڏني
پيار تولئه سدا، دل ۾ ڌرتي رھي
توسان ناتو سچو، ڪير سگھندو ڇني

# هر ڏس ۾ هيداڻ آ ڇانيل

سائڻ!

توکي ياد هوندو
هڪ پيري تو گينديءَ جا گُل چُمندي چيو هو،
”هيدا ڦول وڻن ٿا مون کي
هيدو رنگ پسند آ منهنجي“
اُن ڏينهن کانپوءِ
مون او سائڻ!
پنهنجي ڪمري جي ديوارن جو
هيدو رنگ ڪرايو هو
هيدا پردا ٽنگرايا ها
هيدي ٽيبل، هيدي چادر
هيدا گل هيدو گُلدان.

پوءِ مون کي آس لڳائي هئي:
هڪ ڏينهن ايندو هن ڪمري ۾
تو جهڙو منڙو مهمان.
ڪڏهن نہ ٿيو پر تنهنجو اچڻ
دوري ۽ مجبوري ٿي.
اڄ هلي آ او سائڻ!
هر ڏس ۾ هيداڻ آ ڇانيل
هيدو رنگ پسند آ تنهنجي!

منهنجي ڪمري جي هر شيءِ
هيڊي آهي،
تنهنجي ياد ۾ ٽڙپي ٽڙپي
آءٌ بہ هيڊو ٿي ويو آهيان.

# جوين رُت جا ڳاڙها خواب

منهنجي پيڻ شهيد سوڊي
ثناءَ مهدالي!

ڪالهه ڏسي اخبار ۾ تنهنجي
پرهه ڦٽيءَ جهڙي تصوير
نيڻ جُهڙالا ٿي ويا منهنجا.
دل جي بي ناٺءُ جذبي سان
مون تنهنجي تصوير چمي هئي
هي سڀ آخر ڇو ٿو لڳان مان؟
ڪهڙو توسان ناتو آهي
منهنجو دوست چوي ٿو ڳُلِ:
”ڇڏ عجمن ۽ عربن جون ڳالهيون“
پر ڇو نہ ڪيان مان تنهنجي ڳالهه
تو ڪان ڏار تہ ناهيان مان
تنهنجي ڌرتيءَ جي دل
منهنجي ڌرتيءَ سان گڏ ڌڙڪي ٿي
تنهنجي منهنجي دانهن جي ٻولي
ساڳئي آهي.

مان چاڻان ٿو اڄُ اوهان وٽ
ريٽي رتُ جا سارا گُل
بوٽن هيٺيان چچريا ويا هن
ڪنهن بہ ڪنڊ ۾ ڪين ٿو پسجي

پاريهر جو آڪيرو ڪو.
چئوڌس آهي رتُ جي خوشبو
کنڊر آهن ساريون وستيون
ڊٺل جاين جي ڪنڊرن مان
پار پيا ڳولن رانديڪا
اسڪول اُجڙيل ۽ اسپتالون آهن آباد.
تُنهنجا وطن پرست پائر
جن ڄائي ڄم کان آهه ٻُڌو
گولين جو آواز
خوبصورت ڇوڪرين بدران
رائفلون آهن جن جون محبوبائون
ڏاڍ سان جوٽي جنگ بيٺا آهن.
ڏاڍ جو ڪوئي ڌرم نہ ديس
ڪا ٻہ نہ ٻولي ۽ لولي.
ڏاڍ نہ عربي يا ڪو عجمي
ڏاڍ تہ آهي وحشي انڌو
هيٺن کي هيسائي مارڻ
اُن جو ڌنڌو.

منهنجي ڀيڻ ثناءَ مهدالي!!

تو ڪنڊر ڪنڊر خوابن کي
ساييائن جي سونهن ڏني
جوين رُت ۾

جڏهن ڪنواريون ڇوڪريون
پنهنجن خوبصورت آدرشن جا
ريشمي سپنا اُڻينديون آهن

اُن وقت انڌيرن ۾ ٿو
ڌرتيءَ جي آزاديءَ جا
روشن روشن خواب ڏٺا.
تن خوابن کي سچ ڪرڻ لئه
جان وطن تان واري ٿو
روشن راهه ڏيکاري ٿو

* ثناءَ مهدالي: 16 سالن جي خوبصورت لبناني ڇوڪري، جنهن بم رکيل ڪار هلائيندي، اسرائيلي فوجي گاڏين کي ٽڪر هنيو، جنهن ۾ 50 اسرائيلي فوجي مري ويا ۽ هن عظيم نياڻيءَ شهادت ماڻي.

# شاعر گيت لکن ٿا

ڌرتيءَ تي رتُ ڇاڻ
ايڏي آ ڇو ٿي؟
ڏاها سڀ سوچن ٿا

”هر هنڌ آ انسان“
پستڪ يا پوٿي
ساڌو ائين چون ٿا

ڪهڙي ڪارڻ ٿيا هن
ڏکيا هي ڏوٿي؟
ٿر جا ٿاڪ پڇن ٿا

اسان متي پيار جي ڳوڙهن
سان ڳوٿي
شاعر گيت لکن ٿا

# ٿڪل زندگي

ڏينهن پهريون مهيني جو ۽ ماڻهن جو هجوم
بينڪ ۾ بيهڻ جي ٿي جاءِ ملي.
ڏڪندڙ هٿن ۾ ڪاڳر جهليو
لٺ جي سهاري
پينشن وٺندڙن جي قطار ۾
سڀ کان آخر ۾ بيٺو آهي هڪ پوڙهو.

جنهن جي چهري جون ريکائون
چڻ ته آهن ٿڪل زندگيءَ جون ويران واٽون.
سندس ڪمزور ۽ ڪچو گهر
ٺورڙي برسات تي جنهن جي ڇت،
ڪنهن بيواهه جي اکين جان
ٽمڻ لڳندي آهي.

هڪڙي پوڙهي زال
چار نياڻيون سامايل
مهيني جا سمورا ڏينهن
تن وٽ ڏک تو مهمان ٿئي.

زندگي
هيڪلائپ جو اُداس پيٽُ
ڏڍُ نه آئت
نه ئي ٻه ٻول همدرديءَ جا

## مات ئي مات

موت جهڙي مات
ڏکهو سفر، ٿڪل سرير
بيوسيءَ جو بارُ
زندگي ڇڻُ تہ آهي موت جو ئي انتظار.

# ڌرتيءَ تي دوزخ

تون جڏهن به
گندي پاڻيءَ جي ڍُبن ڪپَ تي
جوڙيل ڪوجهن جهُوپن پرسان
اچي لنگهين ٿو،
ٽُڪ اچلين ٿو.
ڌڪار مان تون ناسن تي رومال رکين ٿو
ڪريہ منجهان مُنهن ۾ سونڊ وجهي
پوءِ چوين ٿو:
”هي گندا ۽ جهريل جهُوپا
سندر سماج جي ڇهري تي
ڪارنهن جو چِٽُ ٽڪو آهن
۽ رهواسي
هيچ نيچ ۽ جاهل آهن.“

اُنهن جهُوپن ۾ رهندڙ ماڻهن
ڪنهن جي جوت اُجهائي ناهي
ڪنهن جي دل رنجائي ناهي
ڪنهن جي لَڄَ ڪٽائي ناهين
انهن ويچارن سادن ماڻهن
جيڪو ٽاٽو ٽاريو آهي
گوندر منجهہ گذاريو آهي.
غربت جي ان ڌوهہ ۾ هو
ڏيهاڙي پوءِ سُور سهن ٿا

## ماٺ رهڻ ٿا

روز جيئڻ ٿا روز مرڻ ٿا.
ساري ڏينهن جا ڏنپ سهڻ ٿا
رات جو اُڀَ ۾ تارا ڏسندي
هي واچارا سادا ماڻهو
ليڙون ليڙون جهول جهلڻ ٿا
ڪوبہ تارو ڪين ڪري ٿو
چنڊ ڪري ٿو تن تي چٽرون
تارا ٿيه ٿيه ٿيڪ ڏين ٿا.
۽ پوءِ
دوزخ جهڙي ڌرتيءَ تي
ساڳيو ڏک جو ڏينهڙُ تپي ٿو
سُورن جو سِجُ اُڀري ٿو.

# ڪڏهن نہ ڪٽندڙ اوسيئڙو

تنهنجي گهر جي دروازي تي
مان سالن تائين بيٺو رهيس
انتظار جون اکيون
وقت جا ڪانگ ڪڍي ويا
ميڻ جهڙا سپنا
آهستي آهستي ڳرندا رهيا.

۽ جڏهن تون
پنهنجي گهر کان ٻاهر نڪتينءَ
منهنجي وجود ۾ گُل ٽڙي پيا
ٽاري ٽاري جُهومڻ لڳي
تو، مون تي اوپري نهار ڪئي
(جڻُ تہ نہ سُڃاڻيندي هجين)
۽ وري گهر هلي وئينءَ.

مان سوچيان ٿو
تنهنجي در تي بيٺي بيٺي
مان وڻ بڻجي ويندس
۽ هڪ ڏينهن تنهنجا ٻارڙا
منهنجي ڇانوَ ۾ رانديون ڪندا.

# هڪڙي ڪرڙي جي ڳولا

منهنجا گيت
اُميدن جي اونداهين جهنگ ۾
هڪڙي ڪرڙي جي ڳولا ۾ آهن
هلندي هلندي
ٿڪجي پيا آهن
ڦٽجي پيا آهن
پوءِ ٻه انهن جو سفر جاري آهي
ڌرتيءَ تي سُکَ ۽ سُرهاڻِ جو سَفر.

منهنجي ديس جا اڳواڻ
پرڏيهي مهمانن سان شڪار ڪري
پنهنجن نعرن سان گڏ
سُتا پيا آهن،
هڪٻئي جي عيبن جي اشتهار طور
اخبارن ۾ اُنهن جا بيان
جاڳي رهيا آهن.

منهنجا گيت
اُنهن آڏو
ڪنهن بيروزگار نوجوانن جي
درخواست وانگر آهن
پڙهڻ بنا ئي جنهن تي
هڪ بي معنيٰ نوٽ چنبڙائي ڇڏجي.
منهنجا گيت انڌا ناهن

چوتہ اُهي

ديس واسين جي ٽڌن جسمن تي
قاتلن جي وحشي چنبن جا نشان
سُڃاڻي سگهن ٿا
۽ ڌرتيءَ جي ٻارَ کي
روشن راهہ تي اُماڻي سگهن ٿا.

# امن جا وڻاڻ.. ڪُتب خانا ۽ قبرستان

پٽر جو چڻُ ڏؤر آهي
هرڪو ماڻهو هٿيارن سان
آهي ٻٽيو شهزور.

انسانيت جي اک ۾ آهن
ٽُنبيل ڳاڙهيون تتل سيخون
هر هيٺو ويڳاڻو آهي
جو ڪجهه آهي ناٽو آهي
دولت جي دروازي تي
عزت عظمت ٻانهي آهي.

ٻارُ علامت آهي امن جي
معصومن جي مُرڪ سُتل آ
ڌرتيءَ جا ڏاڙيل ٿا ڄاڻن
ٻيلي ۾ گوليءَ جي ٻولي.
ڪيئي ڏيهي اغوا ٿي ويا
گولين آڏو پرزا ٿي ويا
ٻنل اکين جا سپنا ٿي ويا
ڏنل دل جا ڌهڪا ٿي ويا.
بازارون پڙيانگ سمُوريون
اونداهيءَ جي چادر اوڙهي
رات جي ناتر ناچ نچي ٿي
چيرن جا آواز اچن ٿا

## ڏورانهين شمشان ۾ ڪنهن

امن جون اوچنگارون آهن.
طاقت جي طُوفان جي آڏو
امن ته آهي
ڪکن پنن جو آڪيرو
امن علامت آهي ڀڳيرو
ماري پاڇو آهي موت جو پاچو
هر ڏسَ ۾ مارين جا مارا
وشال نيري اُڀَ تي
ولر ڳِجھُن جا لامارا،
ماڻهو ماڻهو موت جي مورت
آشائون انگاس ٽنگيل
جذبا ڪُتل رتوچاڻ
سُک جا سارا پينگا پاڻَ.
ڪُتُب خانا ۽ قبرستان
امن جا آهن هاڻ وٿاڻ
ماٺ جي اهڙي منڊَ ۾
اخبارون ڳالهائن ٿيون
ديوارون ڳالهائن ٿيون

امن پکيءَ جي ڪنبَ اجان پي ڪوهيل هن
ائتم جي اولاد اڳي کان اڳري آ.



# راندڪا

ڪنهن ڪکر جي ڇانوَ نہ ٿر ۾
ڏيئن وانگر ڏُک ٻَرن ٿا
ڏهر ڏهر ۾
واريءَ جا وسڪار ڇوڏاري
واءُ ۾ آ ٻُک جو پڙلاءُ
مُئل ڏيورن جا ڍانچا پڪڙيل
اُپ ۾ اُڏرن وَلر ڳجھُن جا.

پکن جي پرسان
مٿيءَ هاٺا ٻارَ ٻُڪايل
عجب منجهان ٿا ڏسن پيا
ڇاپيءَ ۾ سيلن تي هلندڙ
سهڻا سهڻا راندڪا
راندڪا جي روٽي ناهن.

(*"ٻانهن ٻيلي" نالي تنظيم 14 هزار راندڪا ٿري ٻارن ۾ ورهايا۔ هڪ خبر)

# نسخو

ڪي ڏينهن ٿيا شاعري ڇڏي
سُونهن لئہ ڪائي ڪشش ناهي رهي
درد لئہ بند ٿي ويون دل جُون دريوُن
ادب جون ڳالهيون لڳن ٿيون اوپريون
ڪين ٿو پڙهيو ٿئي ڪوئي ڪتاب.
ڏينهن ٿيا جو هانوَ تي سٽ ڪا ناهي هُري
پوِ بہ آهيان چو الائيجي
ادب جي ايوان ۾ مشهور مان!

ها فقط آهي ائين جو
ڪنهن ڊنر يا لنچ تي
مُک شاعرن ۽ نقادن کي ڪڏهن
ڪين مون آهي وساريو.

# آدم جو اولاد

اسان ڪان نہ ڇرڪو اوهان جا ئي آهيون
نڪو ماڳ آهي نہ منزل اسان جي
ٻُڌڻ ۾ اچي ٿو تہ انسان آهيون،
اسان جو دنيا ۾ اچڻ جو آ مقصد
اوهان جي درن تي ڏيڻي لئہ صدائُون
اسان جون هي سڪٽيون صدائون ۽ دانهون
اوهان جي درن تي ائين پيئيون گُونجن
جيئن ڪنهن خاموش بيابان ۾
باردڙ جي لوهي ڪندڻ منجهہ ڪوئي
پڪي پنهنجو هڪ پَرُ ڦاسائي لٽڪي
ڏاڍي درد مان ڪي ڪري ڪُوڪراٽيون.
سندس ڪُوڪراٽيون بيابان ۾
پڙاڏا پڙاڏا ٿيو ٿيون وڃن
اهي ئي پڙاڏا پوءِ واپس وريو،
پکيءَ جي ڪنن ساڻُ ٽڪرائجن
ائين ئي اسان جون هي جهيٽيُون صدائُون
بنگلن اوهان جي ۽ اوچين پُختين
سُهٽين پٽين ساڻُ ٽڪرائجي
واپس اسان ڏي وريو ٿيو اچن.
اوهان ئي وري پوءِ آڏو اسان جي
ڌرمن جا دستُور ساڳيا پکيڙي
جڏهن جوشَ مان هيءُ هوڪو هڻو ٿا:
”اسين سَڀُ آدم جي اولاد آهيون“

تڏهن پوءِ اسان کي ائين ٿو لڳي ڄڻُ

اوهان جنهن آدم جي اولاد آهيو
اُهو هو ڪو آدم سُکيو ۽ سَتابو
وٽس جامُ ڏوڪڙ ها بنگلا ۽ ڪارون
اُنهيءَ آدم جي ڪنڌَ ۾
لڳل هو ڪِلو ڪو
اوهين بي رحم آدم جو اولاد آهيو
اسين جنهن آدم جو اولاد آهيون
اهو هو ڪو آدم سُڃيو ۽ بُکيو
لُولو ۽ لنگڙو اکين کان انڌو
بيوس ۽ مجبور لاچار هو ڪو
پنهنجي پيٽ خاطر
هُو شايد سچو ڏينهن
گهر گهر جي دَرَ تي ڏيندو صَدا هو.

# مايوسين کي موت ٻه ايندو

بابل! تُنهنجا پورهيت هَٿَ
ڪيڏا کُهرا ٿي ويا آهن
تُنهنجي هٿن جون هَڙَ ريکائون
پٿر ٻڻجي ويئيون آهن.
ڇهري منجهه لڪيرون ايئن
ڄڻُ ڪنهن گُٽيل شهر جا رستا
اگهه پورهئي جا ڪيڏا سستا!
تُنهنجون ساريون سُندر سوچون
ذهن نگر ۾ ڊوڙي ڊوڙي
هاڻِ ٿڪجي پيئيون آهن.
وڏ ـ گهراٽي محبوبا جان
ننڊ ٻه توکان ڏور وئي آ
خوابن لئہ ترسن ٿيون اکيون.
ماڙين پرسان پنهنجي جهوپي جان
تُنهنجو ڪنڌُ جهڪي ويو آهي
سوچَ جو سَرُ سُڪي ويو آهي
پورهئي جي پئسي مان ڪڏهن
پڪيون جايون جڙنديون ناهن.
بابل! هتي ائين چو آهي؟
پنهنجون پينر ماٿُر ساريون
ويم گهرن کان ڪوهين ڏُور
هيڏا پار چِٽڻ کان اڳ ۾
پاڻ مري چو ونديون آهن..!

## ائين ڇو آهي؟

راڄ پنهنجي جا سارا روڳي
شفاخانن جي دروازن تي
کوسو کوسو رَتُ اوڳاڇي
ڪُتل پکيءَ جيان ڦٿڪي ڦٿڪي
نيٺ برف ٿي ويندا آهن.
ويڄَن وٽ آ وقتُ مهانگو
پنهنجو رَتُ سهانگو آهي
بابل! هتڙي ايئن ٿيندو آ
مسڪينن جي مڙهه لئه ڪوئي
ڪانڌي ٻڌڻ ڪونه ايندو آ
دنيا جا دستُور سگهارا
پنهنجُون سوچُون سڪٽيون هيٺيون.
پر او بابل!!
ائين سدائين ناهي رهڻو
خنجر ٻڌي پنهنجا خُواب
ساپيائن جا سينا چيري
نيٺ ته جَڳَ ۾ جرڪي پوندا
مايوسين کي موت به ايندو
آخر اهڙو ڏينهن به ٿيندو.

# رَتوچاڻ راتِيون

اُتر واءُ اُن رات اڪيلي نہ آئي
وچوڙي جون وايون ڪٽي ساڻ آئي
حياتيءَ جي هيڪل ۾ ويران بن ۾
پريا چرڪ پنهنجي پنهوارن پکن ۾
هوائُن جا هيسيل خزان رُوپ چهرا
سڪل چَپَ جن ۾ سيئي لفظ سُڏڪا
اکين وٽ ڏورا نہ ننڊون نہ سپنا
نڪي تيل سُرما ساڳيا وار اٽيا
نہ آٿت دلاسو، انئي پهر اُلڪا
نہ جوين جواني، ويراني ويراني
انهن جي سڄي رات روئڻ ۾ گذري.
سوين سڏ سُڏڪا، هوائُن ۾ گونجيا
پَن پن پُڪاريو، تيا واڪا وٽن ۾
بگهڙن اُلاراي ڪيا وات ڦاڙها
ڪاهي ڪالهہ بيوس ۽ هيسيل ڏٽن ۾.
اُنهن ئي رتو چاڻ راتين جون ڳالهيون
ڪنهن پي ڪيون ڪين پلجي ڪڏهن
قلم جا ڏٽي ۽ علم جا اڪابر
مجازي محبت جي خوابن ۾ گُم ها
جي جاڳيا تہ غزلن ۽ گيتن ۾ ساڳيون
پريءَ جي خمارن اشارن جون ڳالهيون
ڌرتيءَ تي ساڳيون رتوچاڻ راتيون.

# پٽر تي لکيل هڪ نظم

هر نئين ڏينهن جو سجُ
اسان جي گهرن جي اڱڻن ۾
شهيدن جي گلابُ چهرن تي اُڀري ٿو.
اسان جن مائرن ۽ ڀينرن جا اٽڪت سُڏڪا
وائلن جي سُرن جيان
اسان جي وُجود جي پُرندڙ ڪمرن ۾
پُرندا رهن ٿا،
۽ هُو
صحافي ۽ فوٽوگرافر ساڻُ ڪري
اسان جي ”پٽر“ تي اچن ٿا
۽ همدرديءَ جي لفظن جا چند سڪا
اسان جي جهولين ۾ اُڇلي هليا وڃن ٿا..!

# گيت گناهگار نہ هوندا آهن

توں، اهو چو ٿو چاهين تہ
سَڀُ ماڻهو تو وانگر سوچين.
ذهني آزادي
هر انسان جو حق آهي.

تون پنهنجي مخصوص فڪر جا اسٽيڪر
ماڻهن جي ذهنن تي چنبڙائي ڇڏڻ ٿو سگهين.
هر سچي فنڪار وانگر
هن جي سوچَ بہ آزاد آهي،
هُو تُنهنجي پرچار جي
پٽي پڙهڻ کان انڪار ڪري ٿو.

تون ڀلي ناراض ٿي
هُن جي راهن ۾ ڪنڊا ۽ پٿر
پکيڙي ڇڏ.

تو اُهو سيڪُجهه ڪري سگهين ٿو
پر اهو تنهنجي وس ۾ ناهي
تہ تون هُن جي گيتن کي
گناهگار بڻائي
چپن تي اَچڻ کان روڪين.

چوٿہ گيت آزاد پکين جان هوندا آهن
جيڪـــي ننڊڙي ذهن جي سوچ کان گهڻو متي
اُڏامندا آهن
۽ مُحبتي دلين جي
آکيرن ۾ رهندا آهن.

# شاعر

شاعر جڻُ تہ شڪاري آهن
ڪُوتائن جي هرڻين پويان
قلمَ ڪٺي پيا ڊوڙن ٿا
جتي بہ شُهرت چانوَ ڏسن ٿا
اُتي ئي گوڏا کوڙن ٿا

شاعر جَڻُ درٻاري آهن
سيني آڏو ڪنڌُ جهُڪائڻ
دوها ڏئي دينار وٺن ٿا
حرمسراءِ جي دروازي جي
دَرَ چُمي پوءِ شعر لکن ٿا

شاعر جڻُ دلداري آهن
انسانن جا لُڙڪ اُگهن ٿا
رابيلَن جي مُرڪ ڏين ٿا
مايوسِين جي اونداهين ۾
روشن روشن گيت چون ٿا.

# ڌرتيءَ تي گلاب ته آخر ٽڙڻا آهن

(هوشوءَ جي نالي)

ڌرتيءَ تي بس ٻه ٽولا آهن
هڪ هابيلي، ٻيو قابيلي
هابيلي هُبڪار ڪري ٿو
قابيلي ڪندا ٿو پوکي

قابيلي ٽولي جا قاتل
ٿُوهر ڪندا ڪٽي هٿن ۾
خوشبوءِ جي ڳولا ۾ آهن.
رهزن، خوني، استحصالي
هن ٽولي جا ساٿي آهن.

سنڌ ۾ سارا قابيلي
درٻارن جا پاليل ماڻهو
رُتبي کي محفوظ رکڻ لئہ
خوشامد جي سَنَدَ وٺڻ لئہ
موهن جي دڙي کان ڏُبي تائين
ڌُر بٽيا هن ڌارين جي
انگريزن ۽ آرين جي
ڏُبي جنگ ۾ گوري سان
پنهنجي ديس جو ٽوڙهو آهي.

سچُ ڪيو سنگسارُ ويو آ
حق جا هوڪا پوءِ بہ هر ڪنهن
ٻوليءَ منجهہ ٻُريا آهن.

سنڌ هُجي يا سينتياگو
سچُ سدائين سينو تاڻي
ڪُوڙ جي سامهون آيو آهي
توڙي رتوڇاڻُ ٿيو آ
آڻ مڃيندي ڪين جهُڪيو آ.

هٿيارن بارودن سامهون
هابيلي ٽوليءَ جو هوشو
ڌرتيءَ خاطر ويڙهہ ۾ وڙهندي
گجندي گجندي ڳاڙهو ٿي ويو
مظلومن جو نعرو ٿي ويو
مٽيءَ جي تاريخ لکي ويو.

سنڌوءَ جي سُرهاڻ جي دشمن
قابيلي ٽولي جي نيپئر
ڏُبي جي ميدان ۾ مرڪي
ڪارو ڪارو گُلاب توڙيو هو
۽ قانون جوڙيو هو:
”آزاديءَ جا گُل نہ ڪوئي پوکيندو“
پر هُو گورو مت جو ٿورو

ڪين اھو ڇاٽي ھو سگھيو
آزاديءَ جي خوشبو ھرھنڌ
سگھيو نہ آھي قيد ڪري ڪو.

ڪوبہ قابيلي، قوت سان پَلُ
ھٿيارن سان ھيسائي
يا مالھي سارا مارائي
پر ڌرتيءَ تي گُلاب تہ آخر ٽڙنا ھن
ڌرتيءَ تي گُلاب تہ آخر ٽڙنا ھن

* غلام محمد نوڙھو، جنھن ڏُبي جي جنگ ۾ غداري ڪري، مير شير محمد جي بارود کي باھ ڏني ھئي

# سورج سامهون ڪوليءَ جو دَرُ

ڪوليءَ منجھ اڪيلو قيدي
پير ڪڙين سان ڪري ڪچھريون
ديوارن سان دل وندرائي
ڪنھن پل يُلجي ڪين پُڪاري
ڪين نهاري سورج ڏانھن
سيني ۾ جذبن جون چوليون.
بانديءَ جي ڪاوڙ ڪي پرکي
هڪ ڏينھن سُورج جوش ۾ آيو
ڪرڙو ڪرڙو دوزخ ٿي پيو
لوھَ سمورا ويا پگھرجي
ٽُٽيون سموريون مالهائون
گُل سمورا ويا پکڙجي.
خالي ڪوليون
نيري اُڀَ جي هيٺان ڏور
اڃن اڃن پکين جون ٽوليون.

# تنهنجي لاءِ آهن

هي پيڙين قطارون ۽ آڙين اُڏامون
هي سنڌوءَ ڪنارا تُنهنجي لاءِ آهن

سيئي وڻ تنهنجا سڃي چانوَ تولئہ
هي رستا هي چارا تُنهنجي لاءِ آهن

اُتر ۾ تا گُونجنيا تر ۾ ٻُرن تا
سچا گيت سارا تُنهنجي لاءِ آهن

درازن جي ڌرتيءِ پٿائيءَ جا پاڻا
هي منڇر نظارا تُنهنجي لاءِ آهن

بکرُ ساڌٻيلو سيئي آستانا
هي مندر مُنارا تُنهنجي لاءِ آهن

ڇڏي ديس پنهنجو وڃين ڇو تي وينا!
اکين نير - نارا تُنهنجي لاءِ آهن.

* پين وينا شرنگيءَ جي سنڌ اچڻ تي

# بلڊ گروپ

ڇؤرن اسان جي شهر ۾
بلڊ بينڪ قائم ڪئي آهي،
جتان منهنجي زخمي پاءُ لاءِ
رتُ ڏيڻ کان
اهو چئي انڪار ڪيو ويو ته
منهنجي پاءُ جو بلڊ گُروپ
”دراوڙُ گُروپ“ آهي.

# اُونده جي جهنگ ۾ گم ٿيل روشني

اڄ ائين ٿي اوچتو
ورهين جي وڇوڙي کان پوءِ
مون وري توکي ڏٺو
روڊ جي هڪ طرف
تون اڪيلي ۽ اُداس
ٻئي طرف دل ۾ خوشين جا خزانا کڻي
توسان ملڻ لئه آءٌ اُبهرو
وچ ۾ ڊوڙندڙ موٽرن جو سلسلو.
موٽرن جا سلسلا
وڌندا رهيا، وڌندا رهيا
اُن کان اڳ جو
موٽرن جا سلسلا ٽُٽن،
آءٌ اچي توسان مِلان
تون هڪ بس ۾ چڙهي
وئينءَ هلي
اکين آڏو اونده نچڻ لڳي
۽ آءٌ روڊ جي ٻئي طرف
بيوس بڻجي
ٽٽل دل مان ڪريل
خوشين جا وکريل موتي
روڊ تان ميڙيندو رهيس.

# وڇوڙي جو ڪارڻ

نندي هوندي هڪ ڏينهن بابي
آڻي ڏنو هو ڪينهوڙو
هُوءَ ۽ مان پوءِ
پاڙي جي باغيچي ۾
ڪينوئڙي سان کُڏندا ها سين.
جڏهن ڪان هُن کي
پنهنجا ٿيا ها ڪينهوڙا
اُن ڪان پوءِ هُوءَ مونسان
وري نہ آئي راند کُڏڻ.

# ملامت

ڪوبہ مُورک
پنهنجي ڌرتيءَ سان
محبت جو ناتو ٽوڙي
ٻاهرين جي ٻوليءَ
۽ ڪلچر تي ڪُڏي
تنهن کي حيف هجي.
ڪنهن بہ غلام ديس جو شاعر
پنهنجي ڏُکايل ڌرتيءَ جي
پيڙيل انسانن جي
مسئلن کان مُنهن موڙي
سرڪاري سڏ تي
اسٽيج تي اچي
وقت جي حاڪم کي ساراهي
سندس ڳوتا
نچڻيءَ جو رُوپ ڌاري
ناٽي آڏو نچي
تنهن کي حيف هجي.

# بيمارين ۽ طبقا

بيمارين جون هيڊيون ڏائڻيون
انجيڪشن جي هٿيارن
ڪيپسولن جي بمن جي دپ کان
شيشي جي گهرن مان
هراسجي ڀڄي ويون.

بيمارين جون پوائتيون ڏائڻيون
گندي پاڻيءَ جي ڍُبن پرسان
ڪڪاوَن گهرن جي رهواسين کي
پنهنجي خوفناڪ چنبن ۾ پيڪوڙي
پرندڙ اکيون واٽن تي وچائي
موت جو اوسيئڙو ڪرڻ لڳيون.

# وڇوڙي جي مند جي پهرين برسات

واهيري جي ويلَ
جڏهن قبرستان جون رولاڪ هَوائُون
سرنهن جي سُڪل پنن سان
راند پئي رهيون.
تڏهن مان توکان جُدا ٿي
ڪنڌ هيٺ ڪيون
قبرن وچ مان اُداس اُداس ۽ ويڳاڻو
پنهنجي آڪيري ڏانهن موٽي رهيو هوس.
وڇوڙي جي هن درد شهر ۾
ڪير تو جاٽي ڪهڙي ٽاٽي
ڪنهن کان وڇڙي ويندو ڪير؟
ڪنهن کان وڇڙي پينرون مائُرون
ڪنهن وڇڙيا ميت
سارا نغما نوحا جڻُ
سُڏڪا سُر سنگيتَ.

# اباڻي شهر ۾ اجنبي

سالن پڇاڻا اباڻي شهر جا
ڏسي رنڍَ رستا
ٿيا خُوابَ پورا
خوشيءَ جي اکين مان ڪريل چند ڳوڙها
مٽيءَ ۾ ملي ويا،

ڏرتيءَ سُڃاتو منهنجو نينهن ناتو
اُهائي گهٽي جنهن ۾
ننڍپڻ جو تون ۽ مان
گڏجي ڪُڏياسي
رُناسي کِلياسي
رُسڻ ۽ ٺهڻ جا سوين سانگ ٿيا ها،
مگر اَڄُ اُتي ڪجهه به ناهي رهيو.

اُهو گهر جنهن ۾ ٿيو هو جنمُ
۽ ماتا جي جنهن ۾ ملي هُئي مُحبت
اُهو گهر ته اڄُ به ساڳيو ئي آهي
مگر منهنجو ناهي.

دل ۾ اهائي هئي آس مونکي
ته پنهنجي اباڻي گهر جي اَڱڻ ۾

ڳهڙي پل ويهي
ننڊپڻ جي يادن کي واپس ورائي
ٻه ٽي لُڙڪ لاڙي
هليو پوءِ ويندس.
مگر گهر جي دَرَ کي لڳل لوهي تالي
مُرڪي ڪئي چَڻُ ته مون تي ٺٺولي
۽ منهنجي اکين جا
ٽيا عڪس ڏنڌلا
گهٽيءَ منجهه مُونکي سُڃاتو نه ڪنهن
اباڻي شهر جا سيئي ڳَسَ ڏاريا.

# خوابن جو موت

حياتيءَ جي ميوزيم ۾
موت جو پُراڻو پوائنٽو بُت رکيل آهي.
ڪو وڏيڪ جيئڻ چاهي به ته
جي نه سگهي.

مرڻ ڪان اڳ ۾
مرڻ ڪان پوءِ ڪا آس ڪري
ساڀ پوري ٿي نه سگهي.
جيئڻ وهمُ پيئڻ
مرڻُ وري نه ورڻُ
اوچتو ئي اوچتو
موتُ هوتَ جو روپ وٺي آيو
ثميره سدا سُهاڳڻ بڻجي
اُن جي پٺيان وئي هلي.

ڪلراٺي قبرستان ۾
هڪ قبر
جنهن جي پرسان ڪوبه گُل
اُيرڻ چاهي به ته اُيري نه سگهي.

قبر جو ڪتبو
جنهن ۾ پٺائيءَ جو رسالو ته پري
رسالي جو ٽائيٽل ڪَور به ڪُتل ناهي.

الطاف
پيارَ پڪيئڙو هو.
موتَ جو ظالم باز
جهَٽَ ۾ ويو جنهن کي جهٽي.

اڪيون
جيڪي، ڪنهن ٻئي کي
روشني ڏيڻ ڪان اڳ ئي
اُجهامي ويون
چڇريل جسم
جيڪو ڊائيسيڪشن هال ۾
رکڻ چاهجي
ته ٻه نه رکي سگهجي.

مولائي شيدائي
(موت جو جنهن پئي ڪيو اوسيئڙو)
مولائيءَ مرڻ ڪان اڳ چيو هو:
”منهنجو مڙهه بکر ۾ پورجو“
ولين ۽ پيرن جي بکر ۾
مولائيءَ جهڙي مولائيءَ جي قبر!!
اهو ناممڪن ٿي پيو
پيرن ۽ مجاورن
مولائيءَ جي مڙهه کي
بکر ۾ پورڻ نه ڏنو.
(مولائيءَ جي آس به مولائي)

مولائي
جنهن جو ڪوبہ شيدائي ناهي
سيئي خواهشون
وصيعتون، نصيحتون
مٽيءَ جي ڍير هيٺان
دٻجي گُهٽجي ويون آهن
رُڪو رهجي ويون آهن
اخبارن جون خبرون
۾ قبرون.

*ثميره زرين، وصيت ڪئي هُئي تہ مُئي پڄاڻان، هُن جي قبر چوڌاري گُل پوکيا وڃن ۽ ڪتبي جي جاءِ تي شاهہ جو رسالو رکيو وڃي.

الطاف عباسيءَ، جيئري ئي پنهنجون اکيون ۽ جسم ايل. ايم. سي اسپتال لاءِ مُئي کان پوءِ عطيي طور لکي ڏنيون هيون.

مولائي شيدائيءَ جي خواهش هئي تہ مرڻ کانپوءِ ڪيس بکر ۾ دفنايو وڃي.

افسوس جو ٿنهي ليکڪن جون مرڻ کان پوءِ جون، اهي معمولي خواهشون بہ پوريون ٿي نہ سگهيون.

# اُداس موسمَ جو هڪ عڪسُ

توکي اُداس ۽ وکريل ڏسي
هانوَ هچڪي ڏني
نہ چاهيندي بہ مُرڪندي توکي ڏٺم
تنهنجي اکين ۾ روڪيل لُڙڪ ڏسي
مُرڪ ويئي هلي
نہ چاهيندي بہ هيڪندي توکان پُڇيم:
مونکي ڏسي تون آن پرين!
چو اُداس چو نراس.
تو فقط مونکي ڏٺو
ڪجھ نہ ڪڇيو
تُنهنجي حالت هُئي ائين
جِئن سرءُ جي منڊ ۾
اُداس وڻ جي
ڪنهن اُگهاڙي شاخ تي ويٺل
تنها پکي.

# ڏکن جي سرحد وٽ روڪيل خُوشيون

موت جي ڳوٺ ۾
پنهنجو گهر آ متا
اکڻ ۾ بيٺل
سُک - وڻ جي لامَ تان
ڏکن جي پکين کي اُڏاري ڇڏيون.
لُڙڪ اکين ۾ ايندي به رُڪجي وڃڻ.
اڄُ ته مرڪي مِلون
ٽهڪ ڏيئي کِلون
ڪير ڄاڻي ته ڪنهن پل
وڃون ٿي جُدا.

# پاڙون

ڪنڊيءَ تي بيٺل هڪڙو وڻُ
جنهن جو نينهن نديءَ سان هو.
واءُ ۾ وڻ جي لام لڙي ٿي
لڙي نديءَ جا چَپَ چُميا ٿي
هڪ ڏينهن وڻ جي
دل ٿي چاهي
نديءَ جي من ۾ جهاتي پائي
ڏسي ته چاهي
آس انهيءَ ۾ جهُڪي پيو هو
سڪ سموري سيني سانڍي
لهر لهر ۾ لُڙهي ويو هو.
پر مان هڪڙو
سُڄَ ۾ اُبريل پوتو آهيان
جڏهن جڏهن به واءُ گهُلي ٿي
منهنجا ڪومل چيڙا
سُڪل نوٽ ڏرتيءَ سان
وڃي لڳن ٿا
ڌرتيءَ جي دل ڌڙڪي ٿي
منهنجي پيار جون پاڙُون ان ۾
پُختيون آهن
جيڪي ڪڏهن به ٽُٽيون ناهن.

# نيروليءَ جو خواب

منهنجو پيءُ نيرولي آهي
هُن جو ٿاهيل ڪوئي اجرڪ
شايد اوهان جي گهر ۾ هُجي.
ڪُن ۾ اجرڪ ٻوڙيندي
هُن جا ڪهرا هَٿَ پڪا نيرا ٿي ويا آهن.
اُن لئہ ڪيئي چاتل ماڻهو
هُن سان هٿ ملائڻ وقت ٿورو جڻُ گهبرائن ٿا.
ساڪوڙيل ڪپڙي تي جڏهن
چينين سان هُو چُرَ ڪري ٿو
ڪپڙي کي ڪو نانءُ ملي ٿو.
موت ۾ ٿڪل نيڻن لئہ
هڪڙي خُواب جي گهُر ڪري ٿو
نيروليءَ جو خواب بہ نيرو.
ڏک بہ چينين وانگر آهن
جيڪي هُن جي جيون ۾ آخر تائين رهڻا آهن
پوءِ بہ هو مايوس نہ آهي
اجرڪ جي ڦُلڙيءَ وانگر
هُن جي ڏُنڌلن خوابن ۾
آس جون اچيون ڦُلڙيون آهن.

# شاعر جي دُعا

هر دُکي انسان جو درمان ڪر
اسپتالون سڀُ خُدا ويران ڪر

کنڊرن ۾ خواب سڀُ دٻجي ويا
ڪين سائين! زندگي لُبنان ڪر

باھ ڪا بغداد ۾ پڙڪي نہ شل
آڳ ڪان آجو سڄو ايران ڪر

رهزنن ۽ ظالمن کي سگهہَ ڏيئي
مُرڪ جي ڌرتي نہ تون شمشان ڪر

زندگي بارُود جو ٻڻجي نہ بَکُ
تون تباھ هر ائٽمي شيطان ڪر

ڏُک هٿ گهاريو گهڻو آ هاڻِ ڪو
سُک جو هن ديس ۾ سامانُ ڪر

# گيت

پيار سلامت آهي جي
رُسي رُسي پيا ٿهندا سين
جيسين جيئرا رهنداسين.

آس نگر ۾ تون مان ساجن!
ساڳيا سپنا ڏسندا سين
جيسين جيئرا رهنداسين.

ڇانوَ ۾ رهندو ساٿ اسانجو
اُس ۾ گڏجي هلنداسين
جيسين جيئرا رهنداسين.

هڪبئي کان جي وڇڙي وڃبو
ڪٿي ته ڳولي لهندا سين
جيسين جيئرا رهنداسين.

ڪوڙ ميارون دل ۾ هونديون
سامهون ڪجهه نه ڪڇنداسين
جيسين جيئرا رهنداسين.

ڪنهن جهڙالي شام جيان
مان سنڌءَ ڪو گيت آن
ڳاءِ مون کي ڳاءِ تون
آهين منهنجي لاءِ تون.

سُونهن سان ناراضگي
هيڪلي هيءَ زندگي
ايتري ڇو بيرُخي
پاڻ کي سمجهاءِ تون
آهين منهنجي لاءِ تون

جت هوائُون ٿيون گهُلن
خوابَ پينگهن ۾ لُڏن
اُن گُلابي ماڳ تي
جوڙ پنهنجي جاءِ تون
آهين منهنجي لاءِ تون

ڏُکَ دلبر جان اچن
نيڻ جي پرجي وڃن
اُن سَمي سنگيت کي
پنهنجي سيني لاءِ تون
ڳاءِ مونکي ڳاءِ تون
آهين منهنجي لاءِ تون

هي شامون
هي راتيون
هي جهاتيون پرينءَ جون
سدائين رهن.
سدائين رهن.

ڪين ڪوئي ٻه تنها گُذاري گهڙيون
روز ميلا مچن
مُرڪي پيارا ملن.

ٿوري جيون ۾ چالئہ انڌيرا هُجن
چنڊ تارا ڪلن
خواب سارا نچن.

پيار جي ديس ۾ سُونهن سُرهاڻ آ
گيت پرندا رهن
رنگ رچندا رهن
سدائين رهن.

هي شامون
هي راتيون
هي جهاتيون پرينءَ جون
سدائين رهن.
سدائين رهن.

سالن ڪان پيو سوچيان ويٺو
گيت لکان مان اھڙو
تُنھنجي چھري جھڙو.

ھڪڙي ماڳ تي پاڻ ملياسين
لُڙڪ لڪائي خُوب کلياسين
مون کي ھاڻي ياد نہ آھي
شھر ھُيو سو ڪھڙو؟

مون نہ قبُولي تنھنجي جُدائي
تي وئينءَ تون بہ پاڻ پرائي
ريتن جي چولين آ ڍاھيو
پيار جو واريءَ گھرڙو.

تُنھنجون يادون منھنجي مايا
ڏينھن تتي ۾ تڏڙي چايا
توکي ساري وياڪل رھندو

شاعر تنھا ھڪڙو
گيت لکان مان اھڙو
تنھنجي چھري جھڙو
سالن ڪان پيو سوچيان ويٺو.

ڪنهن شام جو دردَ پريو
ڪو گيت ٻڌو هوندَءِ
مونکي ياد ڪيو هوندءِ

هٿُ هٿَ ۾ ڏئي ٻئي سان
هُن ڪي جي ڏٺو هوندءِ
مونکي ياد ڪيو هوندءِ

تُنهنجو ئي تحفو هُن
واپس جي ڏنو هوندءِ
مونکي ياد ڪيو هوندءِ

ڪنهن دوست پڇيو توکان
منهنجو جي پتو هوندءِ
مونکي ياد ڪيو هوندءِ

ڪنهن پارڪ ۾ تنها
ڪو گُل چِنو هوندءِ
مونکي ياد ڪيو هوندءِ

آءٌ ويندس اُتي
سونهن آهي جتي
پيار جي پار ڪان
ڪيئن رهان پوئتي.

مان اڪيلو سهي
سڄُ ويو آ لهي
پوءِ بہ ويندس ڪَهي
چاهُ آهي جتي
ڪين رهندُس هتي.

ياد ڳالهيون اچن
نيڻ برسي پون
عڪس ڌُنڌلا ٿين
ڪير سپُنا ڏسي
ڏات پيئي ڏُکي.

دل ۾ حسرت پري
تون بہ آهين پري
روز آهون پري
مان ڏُکان ٿو هتي
آهين ساجن ڪٿي؟

زندگيءَ جي رات ۾
مان تہ ڪوئي خوابُ آهيان
ساپيام تون آهين پرين!

منهنجي جيون ۾ خوشي
پيار خوشبُوءِ روشني
۽ هواءِ تون آهين پرين!

جا نظارن ڪي ملي
۽ بهارن کي ملي
سُونهن سام تون آهين پرين!

مُنهنجي هر هڪ ڏينهن جي
۽ نڪوري نينهن جي
ابتدام تون آهين پرين!

اسان جا پول
پ تي او ڍول!
ٻُڌي پوءِ چانگي چڙهه تون.

نرمل نرمل نينهن اسانجو
رات اسان جي ڏينهن اسانجو
جت ڪٿ پنهنجي پيار جا پاچا
روحَ اسان جا رولَ

نيڻ ته منهنجا تولئه ترسن
تو بن ساوڻ مينهن جان برسن
آهي منهنجي سُونهن جا سائين!
جندڙي توتان گهولَ

تون جي آهين آءٌ به آهيان
توبن آءٌ ڪجهُ يي ناهيان
تنهنجي وڃڻ سان منهنجا متڙا!
هينئڙي ۾ آ هولَ
اسان جا پولَ
پ تي او ڍولَ
ٻُڌي پوءِ چانگي چڙهه تون.

* ٽيليويزن تان نشر ٿيل (1976ع ۾) منهنجو پهريون گيت...(ادل سومرو)

زندگي آ مختصر
نفرتن جي جاءِ تي
پيار جو اظهار ڪر
هر گهڙي هر بار ڪر

هر گهٽي هر جاءِ تون
روشني ڦهلاءِ تون
زندگيءَ ۾ رنگ ڀَر
سُونهن سان سهڪار ڪر
پيار جو اظهار ڪر.

ٻول مٺڙا ٻولِ تون
روحَ رستا کولِ تون
سوچ کي سُرهاڻ ڏي
ذهن ۾ هُٻڪار ڪر
پيار جو اظهار ڪر.

آدميءَ کي مانُ ڏي
دردَ جو درمانُ ڏي
دشمنن سان ٻي ڪڏهن
ڪين تون آزار ڪر
پيار جو اظهار ڪر.

ڏُور بيٺا ڏسو
ڪجهه تہ ويجهو اچو
ائين پري ڪان پرين!
اوپرا ٿا لڳو
مُند هُبڪار جي
سُونهن سينگار جي
واءُ وسڪار جي
اهڙي مند ۾ اوهين
پوءِ بہ تنها پسو.
لات پنڇي لَنون
ڪين هيڪل رهن
ٿي قطارون وڃن
پر اسان ڪان اوهين
ڌار ڇو ٿا رهو.
زندگيءَ جو سفر
ٿوڙي آ مختصر
پر بنا همسفر
آهي ڏاڍو ڏکيو
هاڻي ڳڏجي هلو.
ائين پري ڪان پرين!
اوپرا ٿا لڳو.

# هائيڪا

# سکر۔ روهڙيءَ جا هائيڪا

o

مسجد منزل گاهُ
سامهون ساڌ ٻيلو ۽
وچ ۾ هي درياهُ

o

پيڙي ۾ شام مُهاٽي
ٽريل پلي جي خوشبو
آ ۾ چؤڏس اُڏاٽي

o

جي بي منگهارام
بسڪوٽن جي فيڪٽري
هاڻِ لکيل بس نامُ

o

معصوم شاهه مينارُ
سِرون ڪوٽَ اروڙ جون
درديلو ديدارُ

o

سکر ۾ اونهارو
ٽاندا سيئي روڊ
ڇَرَ جو وسڪارو

o

هي لب مهراڻ
پوپٽ ۾ گُلَ ۾ ڦوهارا
چوڌاري سُرهاڻ

o

ساڍيلي جي شام
سنڌوءَ جي لهرن مٿان
پکين جي اُڏام

o

ڪالهه ويڙهاندين
اڄُ ڪرڙيءَ ميدان ۾
پارَ رهن راندين

o

جهيڙن واري جُوءِ
بکر ۾ بارود جي
اڃان تائين بُوءِ

o

سُرمئي سانجهيءَ ويل
پاڻيءَ پاڇا پُل جا
مٿان گُذري ريل

o

ماضيءَ جي للڪار
آهي اڄ به اروڙ ۾
مينديءَ جي مهڪار

o

پوڙهو پُڄاري
ڪالڪان جي مندر ۾
ڦيري ٻُهاري

o

هيمون ڪالاڻي!
جيل ٻُڌائي تُنهنجي
اڄ به آکاڻي

o

سنڌوءِ جي سانجهي
تڪلَ سجَ جو عڪس آ
مڪڙيءَ سان مانجهي

o

روهڙيءَ جون راتيون
پاڻيءَ مٿان روشني
جوين جون جهاتيون

# تصويرون ۽ احساس

o

شاهه سائينءَ جي سِٽَ
اوندهه جي گهڙي تي چَڻُ
چانڊوڪيءَ جا ڇِٽَ

o

ڳاڙهي ڳل تي ٽرُ
ريٽي پڙ ۾ آ پيو
چڻُ سوڍي جو سِرُ

o

روڊ مٿان ڦيرو
وڱن سان ٽڪرائجي
ڦٽجي پيو ڳيرو

o

جوڀن جون ٻوليون
ڪينجهر ۽ ڪلفٽن تي
حُسن جون چوليون

o

اُسر جو ويلو
لهرن جي ڏُس موج تي
جهُومي ٻتيلو

o

پيٽ جو آ سوال
طوطو، لفافا، ماڻهو
قسمت جو احوال

o

عورتون ۽ ٻارَ
سرڪاري نڪلي آڏو
ڻانوَن جي قطار

o

اکيون اُماڙيون
شڪاريءَ جي شام آ
اڱرن تي آڙيون

o

پکو جو گلدان
وکري ڪريا پٽَ تي
تي گُلَ پريشان

o

بادل ڪيو رقصُ
شيشي تي بُونديون پيون
ڏُنڌلو ٿيو عڪسُ

o

تلڪ چاڙهيءَ تي
هالن جو هڪ پيرسن
ڳولي ٿو پُٽ کي

o

ناتو ٽتو ٽوڙي
بس پُراڻيءَ جي پُٽيان
ڊونهون ٿو ڊوڙي

o

پوڙهو پروفيسر
ڪاري بورڊ آڏو ٿو
اوڳاڇي ليڪچر

o

هُو ٿائر جلن ٿا
مَيريل ماڻهن پُٺيان
فوجي ڊُڪن ٿا

o

صَدا پينوءَ جي
بند گهرن سان ٽڪرجي
گهايل ٿي موٽي

o

ڪڪريون روئن ٿيون
ٻ پوءِ ساري ڳوٺ ۾
ڪُنيون ڪلن ٿيون

o

سياري جي شامَ
ڳليون سُڃيون ڳوٺ جون
چُلهن وٺ هَشامَ

o

چٽيءَ سان پوڙهو
تيز مٿان برسات آ
رستو پڻُ سوڙهو

o

ڏسُ موتَ جو منظرُ
بازَ جي چنبن ۾ آ
هڪ اُجرو ڪبوتر

o

واٽ سڃي سُنسان
مُسافر جي لاش تي
ڳِجھُن جو گهمسان

o

دلبر جو درشن
دونهاتيل ڪمري ۾ چَڻُ
مون لئہ آڪسيجن

o

ھُو سَوَڙ ۾ سوڙھا
ڪٿ ھيٺان مُرڪن پيا
جُتين جا جوڙا

o

اڪيون آتشدانَ
خواب چَڻُ ٻڄي آيا
برفاني طوفان

o

ساجنُ سارينديِ
ناريءَ لُڙڪ اکين ۾
ڦٽيون چونڊينديِ

o

ماڻھو ننڊ ۾ ھا
اڱڻَ ۾ اڏرات جو
جاڳيا ٿي پاڇا

o

خاموشيءَ جو ساز
رات، اڪيلو ڪمرو ۽
تِڏ جو آواز

o

ٽُڪي ٽُڪي انبڙي
ڪانياٽيءَ جي ڏِپَ ڪان
طوطو ويو اُڏري

o

ڪان ڪان سارو ڳانءُ
بجليءَ جي تارن ۾ هو
لٽڪيل هڪڙو ڪانءُ

o

اٽڪ اوسيئڙو
چار وِچائي ٿو تڪي
ڪيڏو ڪوريئڙو

o

ٻارَ ته ها شيطانَ
پوءِ ٻه ڳلن، ماءُ جي
مٺين جا نشانَ

o

نينگر جو سُڏڪو
موٽر هيٺيان روڊ تي
پيگو رانديڪو

o

سجُ ۽ سيارو
نيل ڪنول اُجرو مگر
پيڻ تي پارو

o

نڪو دَپُ نہ چرڪُ
سنگُ چُگي ويهي رهيو
اوڙي مٿان جهرڪُ

o

سڪ سنڌءِ سانوَل
چين تي اُيري پيا
چُمينِ ڪيئي گُلَ

o

جوين جي چولي
اندلٽ جهڙا خواب جڻُ
هر ڏسَ ۾ هولي

o

درد ڏُکايو دردُ
سپنا سارا رڪَ ها
اکين ۾ بارودُ

o

جيون ڏينهن پُنا
ڪالهه مصور موت تي
سارا رنگ رُنا

o

لوڪ سڄوئي ڄارُ
اک اک آهيڙي لڳي
جوين ڇڻُ تہ شڪارُ

o

گوندر سارو گهيرُ
ڪٿي ڪاري ڇانڱَ جا
ڏوئن ويٺا ميرُ

o

جهُوني جهونگاريو
آٿي آبُ اکين ۾
ماضيءَ ڪي ساريو

o

مُرڪن موڙيو مُکُ
ڏيئن جيئن جلندو رهيو
ڏيئاريءَ تي ڏُکُ

o

گوليون ۽ ڏاڙيل
ڳٽتي ساري ڳوٺ جي
ڪنهن جو وارو هيلَ

o

ڪونهي سارَ سنڀارَ
لاوارث هي سنڌ جا
تاريخي آثار

o

روپا ماڙيءَ رات
دودو سُتل ننڊ ۾
ڏور اجان پرڀات

o

دولت جا تفسيرَ
ڊائيننگ هال ۾ ٻُڪئي
ٻالڪ جي تصويرَ

o

ناري ۾ گجگوڙ
کنڊر کنڊرَ ۾ سُڏڪو
رُنو راتِ اروڙ

o

ترَ ۾ تنهنجي ياد
واري تي وٽڪار وئي
ننگر ننگر آباد

o

اڪيون چڻُ اوڙاهه
ڀُڏا ڪيئي خواب ۾
حُسن بي پرواهه

o

رُسي وئينءَ تون
پوءِ بہ ڪلندي زندگي
گهاري آهي مون

o

نڊرو مان ڏيئو
تيز هوائن جهڙو
تُنهنجو روَيو

o

ڏُڏِرَ ڏنُڻ ڏنار
سانجهي لٿي ڳوٺ تي
ڪتريءَ جو شاهڪارُ

o

اگر جان اوپر
اونهاري جي اڪ ۾
سارين جو اوڀرُ

o

پينُو سُتل آ
پرسان اُن جي ڪشتي ۾
سِڪا جاڳن ٿا

o

گهر ۾ ڪو ناهي
ٽيبل تي هڪ پاروٽو
صُوف رکيو آهي

o

نَرس جي پرسان
ڳپَ منجهان وئي گذري
موٽر تيزيءَ سان

o

بند نہ ٿيو ٿيٽر
بجليءَ جي اک پورڻ سان
جاڳيو جنريٽر

o

جهُڪي اچن ٿيون
لهرون پيرَ پهاڙَ جا
چُمي موٽنِ ٿيون

o

هي ڪنڌيءَ جو وَڻُ
سُتل چوکر چانوَ ۾
پرسان ٽڪيل ڏَنُ

o

پڳل ٽُٽَل ڪينگريون
مٽن تي ڀهڙا ڪٽي
کوهَ اچن ٿيون نينگريون

o

آهي رات ٺري
پوڙهي جي مٽي تي
ڪاٺين جي ڀري

o

سانت جو سُڏڪو
ڳالهائي اُن ويل پيو
قبر جو ڪتبو

o

اُڏري ٿو جهٽ پٽ
ڊوڙي ٽڪا ٻارڙا
پڪڙيو نہ پوپٽ

o

مينهن وسي ٿو
شيشي جي دريءَ وٽان
ٻالڪُ ڏسي ٿو

o

چرڪيا سارا ڏَنَ
تيز لڳو طُوفان جو
ڪريا ٽڪل وڻ

o

اونداهي اوجهڙ
ٻيلي جي ماٿار ۾
ڪُهاڙي جي رڙ

o

سُندري هئي سُتل
سيرانديءَ کان جاڳيا پئي
ڳاڙها پيلا گُلَ

o

بادل ٿا گُذرن
رنگ برنگي اُڀ ۾
لغڙ ٿا اُڏرن

o

ڦيتن هيٺ ڦسيا
هلندڙ وئن منجهان
جيڪي انبَ ڪريا

o

گُلَ ٿهي پيا ها
ٻارَ ڪڍيا ديوار تي
ڪوئلي سان ليڪا

o

رلي سبي ٿي
۽ ڪا ساري ڳالهڙي
پوڙهي روئي ٿي

o

ننڊ آ شاعر کي
ڪاغذ جي بستري تي
پين پئي جاڳي

o

ٻولي پئي ٻاٽَ
ٽڪل سانجهي ٽَرَ جي
واري ساري واٽَ

o

ڪاتبُ لکي ڇا؟
اوندهہ هر هڪ لفظ آ
تُنهنجي نانوَ سِوا

o

سائرن وڄن ٿا
قاسي ڳهاٽ جي ڇانوَ ۾
قيدي سُتل آ!

o

چانڊوڪيءَ جا ڇَپَ
هيرَ هاري وئي تن مٿان
خوشبوءَ جي لَپَ

# وايون

تندُ ڪائي جي ڇُهن
سُونهن جا ٽا سُر ڦُٽن
آڳريون روشن هجن

زندگيءَ جي رات ۾
باک جون واين لڪن
آڳريون روشن هجن

پٿرن جي پيٽ مان
مورتيون سُهٽيون ڦُٽن
آڳريون روشن هجن

ماٺيپي جي گهاوَ تي
پيار جي مرهم رکن
آڳريون روشن هجن

سچَ جي ساڃاهه لئه
ڪُوڙ پيئيون ڪچَن
آڳريون روشن هُجن.

رتُ ساڙائي نڪتا
ملين مان مزدور
شام لٿي آ شهر تي

جاڳيا بلب گهٽين ۾
اوندهه جاناسور
شام لٿي آ شهر تي

انڊلٺ شاپنگ سينٽر
گهائي سيڪا گهُورَ
شام لٿي آ شهر تي

فائيو اسٽار هوٽل ۾
هر ڪا پاسي حُورَ
شام لٿي آ شهر تي

جڏهن ٻه تون مُرڪين
تُنهنجي چهري مان
سورَجُ اُڀري ٿو

ساجن! تُنهنجي گهرَ جي
سيني ڪڙڪين مان
سورَجُ اُڀري ٿو

رسالي - لطيف جي
هر هڪ صفحي تان
سورَجُ اُڀري ٿو

منهنجيءَ ننڊَ ۾ چڙُ
تُنهنجي سپُني جان
سورَجُ اُڀري ٿو

انساني آوازُ نہ ڪِٿ
ٻولي ٿو هٿيارُ
ڌرتيءَ دانهن ڪَئي.

آهي ماڻهوءَ مُکَ تي
وحشت جو آثار
ڌرتيءَ دانهن ڪَئي.

ويو گولين جو ٻَڪُ تي
ويندي ڪو ٻَڪرارُ
ڌرتيءَ دانهن ڪَئي.

جڏهن مُئو ڪو ٻُک مان
ٻاڪاريندي ٻارُ
ڌرتيءَ دانهن ڪَئي.

توسان ڪيئن ملان
ائين مان ناهيان
ڪرفيو آهي شهر ۾.

فون ٻہ ناهين جو پرين!
توسان ڳالهايان
ڪرفيو آهي شهر ۾.

سالگرھ جو تحفو ڪيئن!
توکي پهچايان
ڪرفيو آهي شهر ۾.

جڻُ مان تہ ڪو پکيئڙو
پڃري ۾ آهيان
ڪرفيو آهي شهر ۾.

چنڊُ چڙهي تہ اُن کان
تُنهنجو پُڇايان
ڪرفيو آهي شهر ۾.

سُونهن ڪولي ڇڏيون
چاندنيءَ ۾ ڇَڳُون
واٽ ڪھڙي وَٽُون.

شهر جڻُ ڪو جسم
سارا رستا رَڳُون
واٽ ڪھڙي وَٽُون.

ڪو سهارو نہ آ
پيارَ تُنھنجي ٽڳُون
واٽ ڪھڙي وَٽُون.

اڄُ اوهان ڪي پرين!
اوپرا ٿا لڳون
واٽ ڪھڙي وَٽُون.

سامهون آ لشڪر
آءٌ اڪيلو بي ڊپو.

نفرتن جي شهر ۾
پيار ٻٽيو رهبر
آءٌ اڪيلو بي ڊپو.

چؤڏس بوءِ بارود جي
ماتم جو منظر
آءٌ اڪيلو بي ڊپو.

طبقاتي سماج ۾
دلبر ٿيو پٿر
آءٌ اڪيلو بي ڊپو.

وِچُ وراڪا واءُ
ڪکن پنن جو گهرُ
آءٌ اڪيلو بي ڊپو.

وکَ وکَورديءَ سان
پوڙها پهريدارَ
توکي ڳولن ٿا.

تُنهنجا اُگرا بيان
پڙهي منجهه اخبار
توکي ڳولن ٿا.

مُنهن لڪائي پنهنجا
ڪٽي هو هتيارَ
توکي ڳولن ٿا.

آڌيءَ تُنهنجي گهرَ جي
اورانگهي ديوارَ
توکي ڳولن ٿا.

ڳولين جي آواز ڪان
ٻڌجي بي پرواهَ
ٻارَ گهِٽيءَ ۾ ڪيڏن ٿا.

مانديُون گهرن مائُرون
درن اٽڪيل ساهَ
ٻارَ گهِٽيءَ ۾ ڪيڏن ٿا.

رڪشا واري جون رڙيون
روڪيل آهي راهَ
ٻارَ گهِٽيءَ ۾ ڪيڏن ٿا.

لڳو بالُ دريءَ کي
شيشن جي ڀَڄُ ڊاهَ
ٻارَ گهِٽيءَ ۾ ڪيڏن ٿا.

## رشيد ڀٽيءَ جي ياد ۾

آهي "المُنار" ۾
ٿهڪن جي گُونجارَ
چڻُ تہ هُو آهي هُتي.

رکيل اجان، ميز تي
عينڪ ۽ اخبار
چڻُ تہ هُو آهي هُتي.

ڪُتبُ خاني ۾ سندس
ڏاهپ جي هُٻڪارَ
چڻُ تہ هُو آهي هُتي.

ڪري سندس ڳالهڙيون
مُرڪن ويٺا يارَ
چڻُ تہ هُو آهي هُتي.

ڪڏهن وسرن ڪينڪي
سچا سرجَڻهارَ
چڻُ تہ هُو آهي هُتي.

* المنار - رشيد ڀٽيءَ جي پريس

مُرڪي تون درٻار مان
تمغا هن ورتا
ٿورو سوچڻُ گهرجي.

سُرهاڻ جي دُشمنن کي
آچين ٿو گُلدستا!
ٿورو سوچڻُ گهرجي.

شهر جي هر شيءِ کان
گيت ٿيا سستا !
ٿورو سوچڻُ گهرجي.

ماڳُ محبت وارو ساڳيو
ڏار ڇڙا رستا
ٿورو سوچڻُ گهرجي.

اَڄُ ٻه نادر شاهه سان
پنهنجا هن پرتا
ٿورو سوچڻُ گهرجي.

هوٽل، هُلَ هَشامَ
ڏُونهان ڏُونهان زندگي.

لارين پويان ڊوڙندي
شهر ۾ ٿي وئي شام
ڏُونهان ڏُونهان زندگي.

انسانن جي سمنڊ ۾
ڄاتل پي گُمنام
ڏُونهان ڏُونهان زندگي.

ڪيڏا فڪر فلسفا!
منجهيل سڀُ نظامَ
ڏُونهان ڏُونهان زندگي.

چالئہ ماٺ رهن
ڳوٺ ٻہ ڳالهائن
شهرَ تہ ڏاڙهن ٿا.

ماڻهو، ماڻُهوءَ ڊپَ کان
رستا بدلائن
شهرَ تہ ڏاڙهن ٿا.

گونجارا مسيت جا
دهشت ڦهلائن
شهرَ تہ ڏاڙهن ٿا.

ڳوناٺا بازار ۾
اچي پڇتائن
شهرَ تہ ڏاڙهن ٿا.

پاڻَ ڏُڪارا آدمي
ڪنهن کي پرچائن
شهرَ تہ ڏاڙهن ٿا.

پيرڙيءَ ۾ ويڙهل سانوري!
ڏندَ جا اُجلا ڪنولَ
آجيان تُنهنجي ٿا ڪن.

تُنهنجي پيرن ۾ جهُڪي
گيت منهنجا ۽ غزل
آجيان تُنهنجي ٿا ڪن.

اُجاڙَ دل جا ديسَ جا
گهرَ رستا سڀُ ڏنلَ
آجيان تُنهنجي ٿا ڪن.

ڦُول سڀُ گُلدان جا
تنهنجي جاڳڻ جي مهلَ
آجيان تُنهنجي ٿا ڪن.

هي ستارا چنڊَ ڪان
توڙي جو آهن ڏنلَ
آجيان تُنهنجي ٿا ڪن.

پکين جيئن وايون
اُڏري چڻُ آيون
دِل جي ڌَرتيءَ تي.

وِڇوڙي جي وڻ مان
ڦُٽيون تنهايون
دِل جي ڌَرتيءَ تي.

عشق ڪري تو اوچتو
اچي اڳرايون
دِل جي ڌَرتيءَ تي.

يادون ٻڌجي ڪڪريون
سدائين ڇانئيون
دِل جي ڌَرتيءَ تي.

وري مُسافر درد جا
جوڙن ٿا جايون
دِل جي ڌَرتيءَ تي.

تنهنجي نانوَ ڪَٽڻ سان
ڦهليون سُرهايون
دِل جي ڌَرتيءَ تي.

اکين ڏٺو پرين کي
وڳيون شرنايون
دِل جي ڌَرتيءَ تي.

جي مان خُوابُ هُجان
پل سپئي ترسان
تُنهنجي نيڻَن ۾.

روح جي رستن کان
آءٌ وڃي پُلجان
تُنهنجي نيڻَن ۾.

آئي آهي او پرين!
ايڏي جوتِ ڪٿان
تُنهنجي نيڻَن ۾.

دل چوي ٿي مان سدا
پنهنجو عڪس ڏسان
تُنهنجي نيڻَن ۾.

پاڻ بچائي لوڪ کان
اچي آءٌ لڪان
تُنهنجي نيڻَن ۾.

اي چنبيلي! مون کي ڏي
اجان ٻه آڪسيجن
مُنهنجو ساهُ مُنجهي ٿو.

پرين جڏهن ناراض ٿي
مون ڏي نيڻ کڻن
مُنهنجو ساهُ مُنجهي ٿو.

گهُٽيو آ اظهار جي
لفظن جي ڪندن
مُنهنجو ساهُ مُنجهي ٿو.

پنهنجا ئي اڄاڻ ٿي
مون کان نانءُ پُڇَن
مُنهنجو ساهُ مُنجهي ٿو.

ڌُونهاٽيل هن شهر جي
روليو آ رستن
مُنهنجو ساهُ مُنجهي ٿو.

ڦھليل منھنجي گھر ۾
اڄُ بہ خوشبوءِ جيان
تُنھنجون ئي ڳالھيون.

اڪيلائيءَ ۾ ڪيان
پنھنجي پاڇي سان
تُنھنجون ئي ڳالھيون.

تُنھنجي سامھون ويھي مان
توکي روز ٻُڌان
تُنھنجون ئي ڳالھيون.

لفظ ترارُون تي ويا
توکي ڪيئن چوان
تُنھنجون ئي ڳالھيون.

ڪوبہ ڪتاب کوليان
ويٺو جڻُ تہ پڙھان
تُنھنجون ئي ڳالھيون.

اُٿل ڪاڏي سمنڊ جان
جاڳرتا جذبن
ڪير اُنهن کي روڪي.

آزاديءَ جا ننڊَ ۾
سپُنا ٿا سُڏڪن
ڪير اُنهن کي روڪي.

بينر، نعرا، زندگي
جهنڊا ٿا ٿرڪن
ڪير اُنهن کي روڪي.

اڪيون ڳوڙها گئس جي
ڏونهين منجهه ڏُکن
ڪير اُنهن کي روڪي.

ڌرتيءَ جي ايمان کي
سيڪُجهه ٿا سمجهن
ڪير اُنهن کي روڪي.

* (چوٿين مارچ جي ياد ۾)

چار ڳالهيون ساڃيون
۽ تشبيهون، قافيا
ڪهڙي تُنهنجي شاعِري!

پيار جي سنسارَ جا
پار تو ناهن ڏسيا
ڪهڙي تُنهنجي شاعِري!

ڪنهن ۾ سٽَ ۾ ڪين ڪي
درد جا ڏيئا جليا
ڪهڙي تُنهنجي شاعِري!

ڪين ڪي ۾ نظم آهن
ديس ڪي تو ارپيا
ڪهڙي تُنهنجي شاعِري!

ڪنهن ڏُکيءَ جو آسرو
لفظ تُنهنجا ڪين ٿيا
ڪهڙي تُنهنجي شاعِري!

مُرڪي تو جي ڏنو
اُنهيءَ تحفي جو
ڪوئي نانءُ نہ آهي.

روحن جي ميلاپ ۾
پنهنجي رشتي جو
ڪوئي نانءُ نہ آهي.

پيار ۾ جو گُذريو
هر هڪ لمحي جو
ڪوئي نانءُ نہ آهي.

منهنجو گهرُ آهي جتي
انهيءَ رستي جو
ڪوئي نانءُ نہ آهي.

ساجن! تُنهنجي يادِ ۾
اُپريل سُڏڪي جو
ڪوئي نانءُ نہ آهي.

بتيلا جُهومن پيا
مستيءَ ۾ مانجهي
لهرُون ڳائِن ٿيون.

سرڙهن کي نوچي پئي
اُڀري آنڌي
لهرُون ڳائِن ٿيون.

ٿڪل پکي اُڀ ۾
سهڪي ٿي سانجهي
لهرُون ڳائِن ٿيون.

ساگر جي سيني تي
چاندوڪي چاندي
لهرُون ڳائِن ٿيون.

متان سمجھو ساٿيو
ويا اُجھامي
اَسين پَرنداسين اَجان.

اوھان جي ھر سٿَ جان
سچل، او سامي؟
اَسين پَرنداسين اَجان.

آھن ڏُکي ديس جا
ھيٺا سڀُ حامي
اَسين پَرنداسين اَجان.

ڌرتي تنھنجي پيارَ ۾
پچي ۽ ڪامي
اَسين پَرنداسين اَجان.

دل جي ڏُکي وارڌَ جي
ھڪڙي ڪمري ۾
سوچي شيخ اياز ٿو.

ھي ماڻھن جو پيارُ ۽
ڪنڊا رستي ۾
سوچي شيخ اياز ٿو.

يادون چمڪن ٽيون اڄان
دل جي شيشي ۾
سوچي شيخ اياز ٿو.

ڌرتي! ڪيڏي سگھ آ
تُنھنجي رشتي ۾
سوچي شيخ اياز ٿو.

ڊوڙيو اڄن ڪَوِتائون
ڪيئن تہ سپُني ۾
سوچي شيخ اياز ٿو.

چاءِ ھي ويندئون رونقون
ھڪڙي جھٽڪي ۾!
سوچي شيخ اياز ٿو.

جيون!     ڪيڏي     ڪوٽ
تنهنجي واعدي ۾
سوچي شيخ اياز ٿو.

* (شيخ اياز جي اسپتال ۾ داخلا وقت)

توکي ڏسندو ئي رهان
منهنجي نيڻن جو
پَنڌُ نہ شالَ کُٽي.

جن ۾ تُنهنجي روشني
اُنهن سپُنن جو
پَنڌُ نہ شالَ کُٽي.

ساجن جي ساراهہَ ۾
مُنهنجي لفظن جو
پَنڌُ نہ شالَ کُٽي.

منهنجي جيون ۾ هلندي
خوشبوءِ رنگن جو
پَنڌُ نہ شالَ کُٽي.

پيار واري شهر جي
سيني رستن جو
پَنڌُ نہ شالَ کُٽي.

جاڳرتا جي واٽَ تي
مُنهنجي گيتن جو
پَنڌُ نہ شالَ کُٽي.

پورو ٿيو.

# وائيس آف سنڌ اِي بُڪ پبلشر

www.voiceofsindh.net